# باب چوڏهون

## سنڌي قومي جدوجهد جا مسئلا

ان سان ڪو فرق نٿو پوي ته توهين ڪيترا ننڍڙا آهيو، بس جيڪڏهن پڪو پهه ڪيل هجيوَ ۽ عمل جو پورو وچوڙ رکندڙ هجو. فيدل ڪاسٽرو.

سنڌي قومي مزاحمت پنهنجي هاڻوڪي روپ ۾ انتهائي ڳنڀيرتا پري آهي ۽ انکي ڪيترائي اڻ حل ٿيل اندروني مامرا ۽ ڳنڀير ٻاهريان پهلو درپيش آهن، سنڌي قومي جدوجهد کي درپيش اهم مسئلن ۾ اتساهيندڙ قومي قيادت جي اڻهوند، جدوجهد هڪ واضع هدف جي اڻهوند، مزاحمت واسطي هڪ عمل جوڳي حڪمت عملي جوڙڻ ناڪامي ۽ سنڌين جي اُڏمن کي دڳ ڏيڻ واسطي هڪ منظم سياسي تنظيم جي اڻهوند شامل آهن. سازباز ڪندڙن، ويرين جي چاڙتن، ٽيڪومائيل مذهبي انتهاپسندي ۽ مهاجر نظر فريب جا وڏيڪ مامرا آهن جيڪي جدوجهد کي درپيش آهن. قابل عمل سنڌوديش وارو سوال، عالمي پنيرائي جي اڻهوند ۽ پرڏيهه ۾رهندڙ هندو برادريءَ جي سنڌي قومي مقصد ڏانهن لاتعلقي قومپرست ڪارڪن ۾ انتهائي نراسائي جو سبب بڻجي رهيا آهن.

سگهاري قيادت جي اڻهوند

ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ڪنهن اتساهيندڙ اڳواڻ کانسواءِ قومي آزاديءَ جون تحريڪون پاڳا پاڳا ٿيون ٿين ۽ ڪنهن به دڳ تي نٿيون رسن. عوام کي پنهنجي عمل ذريعي اُتساهڻ لاءِ ڪنهن ڪرشماتي اڳواڻ جي گهرج هوندي آهي جيڪو ڪارڪنن جي عزم کي ڪنهن قومي مقصد ڏانهن لاڙيندي معاشري جي سمورن پاڳن کي مزاحمت ڏانهن وڏائي.

پاڪستان ٺهڻ کان وٺي پنهنجي مستقل مزاج جدوجهد



سبب جي ايم سيد هڪ اهڙي فرد طور اوڀري نروار ٿيو جنهن کي سنڌي قومي جدوجهد جو سمورو ڍانچو آڌاريل هو. سندس شخصيت سنڌي عوام جي اُميدن ۽ اُڏمن کي چوٽ چاڙهيو. منجهائن ڪيترن ئي جو ويساهه هو ته سيد سنڌن قوم جو آجپو ڪرائيندڙ ٿي سگهي ٿو. هو ڏاڍ ڏمرجي ڏهڪاءُ هيٺ اسلام آباد جي هر نئين حڪمران هٿان جنون سهندڙ ڏتڙلين لاءِ هڪ مسيحا هو. جي ايم سيد جي ديو مالائي شخصيت ڪانپوءِ سنڌي فوجي جدوجهد ان سطح جي اڳواڻ کان وانجهيل آهي.

جي ايم سيد جي پيروڪارن مان ڪيترائي جاکوڙي پاڻ ارپيل سياسي ڪارڪن آهن جن کي سنڌين خاص طور تي نوجوانن ۾ تمام گهڻي پذيرائي پڻ حاصل آهي. بهرحال، هڪ اهڙي صورتحال ۾ جڏهن رياستي اسٽيبلشمنٽ کلئي عام سياسي سرگرمين لاءِ وٿي فراهم ڪرڻ تي تيار ناهي، هنن لاءِ پنهنجو پاڻکي اتساهيندڙ اڳواڻ طور مڃرائڻ ڏکيو ٿو ٿئي جيتوڻيڪ سندن جاکوڙي ڪم ۽ مقصد سان وابستگي بي مثل آهي. بشير قريشي ايڪويهين صديءَ جي سنڌي سياست ۾ تيزيءَ سان مرڪزي شخصيت بڻجي رهيو هو. هُن ته رڳو سنڌي عوام جو اعتماد حاصل ڪيو پر سنڌي سياسي تجزئي نگارن ۽ دانشورن جو هڪ جوڳو تعداد پڻ سندس قيادت ۾ پنهنجي اُميد سارڻ لڳو هو. پر بدقسمتيءَ سان ڪيس رياستي ڳجهن ادارن ماري وڌو. سنڌي سياست جي هڪ ٻئي ايرندڙ ستاري ڊاڪٽر صفدر سرڪي کي ڳجهن ادارن اغوا ڪيو ۽ مهينن تائين ايڪلائپ واري قيد ۾ رکي غير انساني تشدد جو نشانو بڻايو. جيڪڏهن هو سنڌ ۾ پنهنجون سياسي سرگرميون جيئن جو تيئن بحال ٿو ڪري ته پوءِ سندس گهٽگهرن ۽ سندس ڪٽنب ڀاتين کي سندس زندگيءَ جو خطرو لاحق رهندو. همعصير سنڌ ۾ سگهاري قيادت جي اڻهوند سمجهه ۾ اچي ٿي جو اڳواڻ سياسي عمل ۾ ڏکيائين ۽ غلطين ذريعي ئي اسرندا آهن، جيڪا ڳالهه سنڌي قومپرستن کي ميسر ناهي، سنڌ جهڙي

بيٺڪيتي صورتحال ۾ آئيندي بابت هڪ شفاف تصور رکندڙ ڪنهن با اعتماد جوڳي اڳواڻ جي موجودگي انتهائي اهم آهي. سنڌي ساڃاهه وند سمجهن ٿا ته ڪنهن هڪ استاهيندڙ اڳواڻ جي غيرموجودگيءَ جو واحد حل اجتماعي قيادت آهي جيڪا اجان اُسري نه سگهي آهي.

جدوجهد لاءِ هڪ واضع هدن جي اٿهوند

ڪنهن قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾، واضع هدف ۽ مقصد پيش ڪرڻ بنيادي اهميت وارو هجي ٿو. اهو عوام ڪي حتمي منزل ڏانهن وڌي وڃڻ لاءِ همٿائڻ ۽ عالمي برادريءَ آڏو جدوجهد جي واضع تصوير پيش ڪرڻ لاءِ ضروري آهي. جيتوڻيڪ جي ايم سيد آزاد سنڌوديش ڪي پنهنجي جدوجهد جي حتمي مقصد طور نجو چٽي ريت ٿي پروڙيو پر اهو ڏسي سگهجي ٿو ته ڪيترائي همعصر قومپرست گروپ سنڌين آڏو مول مٿن ۽ مقصدن جي هڪ مونجهاري پري صورت پيش ڪري رهيا آهن. هنن طرفان وسيع تر صوبائي خود مختياري مسلم ليگ جي 1940 واري ٺهراءُ تحت خود مختياري ۽ خودارادیت جو حق ڏيڻ جا آواز بلند ڪيا ٿا وڃن. ان سان نه رڳو عوام پر عالمي سطح تي سنڌين جي ڪيترن ئي امڪاني حمائتين ۾ پڻ مونجهار پئدا ٿي رهيا آهن. جيتوڻيڪ سنڌي قومپرستن ۾ ڪيترائي باشعور اڳواڻ واضع هر فن ۽ مقصدن جي اظهار سان جدوجهد وسيلي پنهنجا طور طريقا چٽي ريت ڄاڻائڻ جي ڪوشش ۾ جنبيل آهن. هو خود پنهنجي پيڙائن ۽ تجربن جي روشنيءَ ۾ خود پنهنجي ڌرتيءَ تي سنڌين لاءِ آزادي ۽ خوشحاليءَ جي تصور تي زور پري رهيا آهن. بهرصورت، جدوجهد جي هدف بابت مونجهارا اجان برقرار آهن. قومي جدوجهد جي هدفن ۽ مقصدن جي متضاد ۽ ڪڏهن ڪڏهن مونجهارا پيدا ڪندڙ دعوائن سبب سنڌي قومپرست ڪارڪن پنهنجي آباديءَ جي هڪ جوڳي حصي ڪي متحرڪ ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهن جيڪو صورتحال ڪي پري ڪان ڄاچيندي



پنهنجو پاڻ ڪي مڪمل طور تي قومي جدوجهد جو حصو بنائڻ ڪان ڪيٻائي رهيو آهي. ماڻهن تائين پهچڻ ۽ سندن مڃتا ماڻيندڙ ڳالهه ڪرڻ ۽ گڏوگڏ عالمي برادريءَ ڪي پنهنجي موقف سان سهمت بنائڻ واري مسئلي تي مزاحمتي قيادت ڪي اجان نبيرڻو آهي.

گڏيل محاز جي اٿهوند

قومي آزاديءَ جي جدوجهد پنهنجي وصف طور هڪ سياسي تحريڪ آهي. انڪي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ واسطي سياسي تنظيم، ڄاڻو سياسي قيادت ۽ وسيلا گهربل هجن ٿا. جهڙي ريت ٽيبر (1965) ۽ ڪئبرال (1972) طرفان ذور ڏنو ويو آهي ته ڪنهن قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو بنيادي تنظيمي ڍانچو ٽن بنيادي جزن تي ٻڌل هوندو آهي.

1. قوم جيڪا آزاديءَ جي سڏ ڪري
2. ڪا سياسي تنظيم يا پارٽي جيڪا آزاديءَ لاءِ قوم جي سڏ ڪي دگ ڏئي، منظم ڪري.
3. هٿياربند مزاحمت يا گوريلا فوج جيڪا دشمن سان ميدان تي مهاڏو اٽڪائي سگهي.

قومي آزاديءَ جي جدوجهد جي تاريخ تي نظر وجهندي پروري سگهجي ٿو ته ڪيترن ئي مامرن ۾ ڪيترائي مختلف گروپ، تنظيمون يا جماعتون قومي مزاحمت ۾ شامل رهيون آهن. اهو پڻ پروڙي سگهجي ٿو ته انهن تنظيمن ۾ ايڪتا نه هئڻ جي صورت ۾ قومي نجا جو مرحلو انتهائي ڏکيو بڻجي ٿو وڃي. اهو سمجهيو وڃي ٿو ته جدوجهد ۾ گهڻين تنظيمن جي موجودگيءَ واري صورتحال ۾ پنهنجي پنهنجي پڌرنامي ۽ آئين تي عمل ڪندي قومپرست قوتن جو هڪ گڏيل محاذ ڪيترن ئي سوالن جو اثرائتو جواب ٿي سگهي ٿو.

قومي جدوجهد آڏو سدائين اهو سوال پئي رهيو آهي ته ڪهڙي ريت جدوجهد جا مختلف عنصر ڪنهن معنيٰ پرئي انداز ۾ دشمن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ متحد ٿي سگهن ٿا؟ ڪنهن

ڏکي جدوجهد ۾ جنهن ۾ قوم پاڻ کان وڌيڪ سگهاري قوت رکندڙ ويريءَ سان مهاڏو اٽڪائي رهي هجي، عوامي يڪجهتي قيادت طرفان گڏيل ڪاوشن ذريعي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي. بهرصورت، هاڻوڪن سالن دوران سنڌي قومي جدوجهد جي مختلف ڌرين وچ ۾ گڏيل سهڪاري ڪاوشن جي اڻهوند مشاهدي هيٺ آئي آهي. اهو ٿو نظر اچي ته قيادت هڪٻئي بابت پنهنجي شڪ شبهن مان جديد ڇڏرائڻ کان قاصر آهي ۽ لاڳيتو هڪٻئي تي اُلرون ڪندي ٿي رهي. ڪيترن ئي موقعن تي هو اهم قومي مامرن تي ثابت قدم نه رهيا آهن. ڪنهن گڏيل محاذ جي قائم ٿيڻ ۾ دير جو هڪ سبب ڪجهه اڳواڻن ۽ گروپن طرفان سنڌي قيادت ۾ ”انفراديت پسنديءَ وارو لاڙو“ آهي. ساڳي وقت ڪنهن گڏيل جدوجهد لاءِ رڪاوٽون پيدا ڪرڻ ۾ ڏقير پکيڙيندڙ چاڙتن جي ڪردار کي پڻ نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. بهرحال، هاڻوڪي صورتحال لاءِ رڳو رياستي حرفتن کي ئي جوابدار نٿو ليکي سگهجي جنهن ۾ قومپرست جماعتون اڪثر گڏيل دشمن سان جهيڙن کان وڌيڪ پاڻ ۾ وڌيڪ تلخيءَ سان مندو اٽڪائڻ ۾ رڌل هجن ٿيون. سنڌي اڳواڻن کي پاڻ ۾ جهيڙن ۽ ٽوڙ ڦوڙ واري انهيءَ دکدائڪ صورتحال جو ڪجهه الزام پنهنجي سر تي به کڻڻو پوندو. هڪ اهم سنڌي دانشور پروڙيو ته سمورن لاڙن وارا قومپرست گروپ خسيس مامرن تي جهيڙيندي پنهنجي توانائي ضائع پيا ڪن.

جي ايم سيد جي وفات ڪانپوءِ جيئي سنڌ محاذ هڪ متحد تنظيم نه رهي. ڪيترائي نشتر گروپ جهڙوڪ جيئن سنڌ قومي محاذ (جسقم عبدالواحد آريسر گروپ، ڊاڪٽر صفدر سرڪيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ جيئي سنڌ تحريڪ، رياض چانڊيو جي سربراهيءَ ۾ جيئي سنڌ محاذ ۽ شفيع برفت جي اڳواڻيءَ ۾ جيئي سنڌ متحده محاذ قائم ڪيا ويا. اهي گروپ پنهنجي سر پنهنجون سرگرميون ڪري رهيا آهن ۽ اڪثر موقعن تي هڪٻئي جي اڳواڻن تي قومي ڪاز کان نمڪداري جا الزام ڌريندا ٿا



رهن. جي ايم سيد جا ڪجهه پيروڪار هاڻ مسلم ليگ جي 1940 واري لاهور ٺهراءُ تي عمل درآمد واسطي زور ڀريندي هڪ وڌيڪ افهام تفهيم واري پاليسيءَ جي وڪالت ٿا ڪن، ان ٺهراءُ برطانيا جي دستبرداريءَ ڪانپوءِ اتر اولهه ۽ اتر اوڀر هندستان ۾ خودمختيار مسلمان خطن جي گهرُ ٿي ڪئي. ان پروگرام جو پرچار ڪندڙ جماعتن ۾ ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جي قيادت ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي، جلال محمود شاهه جي سربراهيءَ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۽ علي حسن چانڊيو جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ نيشنل مووومنٽ شامل آهن.

سنڌ ٽوڙي پرڏيهه ۾ ڪم ڪندڙ قومپرست گروپن ۾ انفرادي طور تي عمل ڪرڻ جو لاڙو اڃان تائين چٽي ريت پروڙي سگهجي ٿو. سمورن گروپن کي ڪنهن هڪ جماعت يا ڪنهن گڏيل محاذ ۾ منظم ڪرڻ واسطي هيل تائين ڪي به سنجيدي ڪوششون نه ٿيون آهن. عوامي تحرڪ کي دڳ ڏيڻ واسطي سياسي ايڪتا جي صورتحال ڪنهن به ريت اطمينان جوڳي ناهي ۽ قومپرست گروپن ۽ شخصيتن ۾ اتحاد جي اڻهوند جدوجهد ۾ حاصل ٿيندڙ لاڀن کي سگهارو ۽ ٺوس بنائڻ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي. تجزئي ڪارن جي اڪثريت سمجهي ٿي ته قومپرست قوتن جو هڪ وسيع تر اتحاد جوڙڻ ۾ قيادت جي ناڪامي مزاحمت جي هدفن ۽ انجي ڏکي ڇمار لاءِ هاڃيڪار آهي، جنهن جو نتيجو عوام ۽ قومي مزاحمت وچ ۾ انتهائي وڏي وٿيءَ جي صورت ۾ نڪري سگهي ٿو.

دشمن سان ساز باز ڪندڙ ۽ چاڙتا

سنڌي قومي جدوجهد پاڪستان ٺهڻ کان وٺي فوج، مهاجرن ۽ ملائن تي ٻڌل حڪم ان اتحاد سان ويڙهاند ۾ رڌل آهي. رياستي وسيلن جي آڌار تي، هيءُ اتحاد سنڌي معاشري جي مختلف پرتن مان پڻ پنهنجي لاءِ پٺڀرائي حاصل ڪريو وٺي. پاڪستان سان سنڌين جي ساز باز هر روپ ۾ موجود آهي جيڪا دانشورن، پيرن صوفين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ عوامي

تحريڪ جهڙن سياسي گروپن جي صورت ۾ عمل تي ڪري.

### دانشور ۽ عالم

اسلامي پائيچاري تي ٻڌل نظريه پاڪستان سنڌين ۽ ٻين قومن کي پاڪستان سان ڳنڍي رکڻ لاءِ جواز پيش ڪرڻ واسطي رياستي بيانو آهي. ان جو تعليمي نصاب ۽ سنڌ سماءُ جي ذريعي وسيلن پرچار ڪيو ٿو وڃي. سنڌين طرفان انهيءَ ٻي پاڙي نظرئي جي وڌندڙ مخالفت سبب لڳي ٿو ته اسٽيبلشمنٽ مخالفت کي مڏو ڪرڻ لاءِ منجهائن ڪيترن ئي دانشورن ۽ عالمن جو خدمتون حاصل ڪيون آهن. اهي ليڪ ۽ دانشور سنڌين کي پنهنجي خودمختياريءَ واري سيني بابت انتهائي نراسائي ڀريو پيغام ڏئي رهيا آهن. 1947 کان هو ان تصور جي وڪالت ۾ رڌل آهن ته پاڪستاني رياست ناقابل تسخير آهي، هن رياست جو حصو رهڻ سنڌي قوم جي ڀاڳ ۾ لکيل آهي ۽ سنڌين لاءِ بهترين دڳ پنهنجي نون حاڪمن جو انداز اختيار ڪرڻ آهي ۽ ڪنهن به قسم جي مزاحمت آپگهات برابر ٿيندي. اهي چاڙتا ترقي پسند ۽ لبرل ازم جو چمڙا پوش ڪيل آهن. قومپرست دانشورن طرفان ڏتڙيل طور قربانين ۽ پيڙائن واري بياني کي رد ڏيڻ لاءِ هو سنڌين کي انتي سهمت ڪرڻ ۾ رڌل آهن ته مزاحمتي تحريڪ پاڪستاني رياست کي سنڌين سان اجان تائين وڌيڪ ڏاڍاين جو جواز فراهم ڪندي. انهن چاڙتن جي ورتاءُ تي چوهه چنبيندي ڏيساور ۾ رهندڙ هڪ سرگرم سنڌي ڪارڪن سنڌن سرگرمين کان ديد کان وانجهيل ليکيو.

”نام نهاد دانشور سنڌين کي درپيش صورتحال کان مڪمل طور تي ڪن ٽار ڪري رهيا آهن انهيءَ انتڪار رياست اسٽيبلشمنٽ جي ڪاروائن بابت سنڌن ديد کي انڌو ڪري ڇڏيو آهي جيڪا سنڌين خلاف پنهنجي اٽ ميي طاقت جو استعمال ڪري رهي آهي. انهيءَ انتڪار ڪين پنهنجي هزارين سنڌي ديس واسين جي پيرا ۽ توهين کي ڏسڻ يا محسوس ڪرڻ کان وانجهيل ٻٽائي ڇڏيو آهي. انهيءَ انتڪار ۾ هو رياستي ادارن



طرفان پنهنجي پيارن کي ڪنيڻ، تشدد ۽ قتل ڪرڻ سبب مائرن، ڀينرن ۽ بزرگن جي پيڙائن کي محسوس ڪرڻ کان قاصر آهن. پنهنجي لڪٽين ۾ هو اهو نه ڄاڻائن جي ڪوشش ۾ رڌل آهن ته سنڌ کي معصوم سنڌين جي رت ۾ رتو ڪيو ويو آهي. اهي وفادار آزاديءَ لاءِ ويڙهاند جو قدر گهٽائڻ جي پتوڙ ۾ پڻ آهن، جنهن مقصد واسطي زندگي پڻ گهوري سگهجي ٿي.

هو مزاحمت کي ڪجھ ابهرن نوجوانن يا پرڏيهي طاقتن جي چارتن جو ڪم ڄاڻائي رهيا آهن. معمولي وسيلن ۽ قومپرست دانشورن ۽ عالمن خلاف رياست جي انتهائي ڏاڍ ڏمر تي ٻڌل ڪاروائن ڪري قومي مزاحمت سگهاري پاڪستاني اسٽيبلشمنٽ جي پاڙيتو عالمن ذريعي ٿيندڙ پروپيگندا جو اثرائتو جواب ڏيڻ کان قاصر آهي. پاڙيتو دانشور ۽ ليڪ قومي مزاحمت جي مقصدن بابت سنڌين جي هڪ جوڳي ڳاٽيتي ۾ بد اعتمادي ۽ مونجهارا پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيا آهن.

گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان، سنڌي قومي مزاحمت رياست طرفان پنهنجي سر يا پنهنجي پاڙيتي سنڌي دانشورن ذريعي ٿيندڙ رياستي پروپيگندا آڏو سينو سپر پئي رهندي آئي آهي، جهڙي ريت هڪ سنڌي قومپرست ليک جو چوڻ آهي ته انهن ساز باز ڪندڙن جا عمل سنڌن اٽڃاٽائي ۽ ڊپ وگهي ٿي سگهن ٿا پر اهي گهٽي ڀاڱي سنڌن خود غرضيءَ جو نتيجو آهن. هو ستو سنئون پيڙهيندڙن جا ساٿاري ٻٽيل آهن ۽ ان ريت نا اهليت سان ئي سهي پر سنڌين طرفان پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي آزادي ماڻڻ وارين ڪوششن کي ڦٽائڻ ۾ جنبيل ٿا رهن. دانشوريءَ جي اوٽ ۾ ساز باز ڪندڙ عنصرن جي ڦيٽاري پروپيگندا کي رد ڏيڻ واسطي وسيع تر اُپاءُ وٺڻ سنڌي قومپرستن جي اهم ڪمن مان هڪ آهي.

### پيرَ ۽ صوفي

صوفي مت خليفي عثمان جي قتل کان ترت پوءِ عرب قبيلن اموي ۽ هاشميءَ وچ ۾ اينگهيل ۽ رتوڇاڻ پري گهرو لڙائي سبب پيدا ٿيل ڏکير دوران دنياوي معاملن ڏانهن لاتعلقيءَ واري اظهارتو شروع ٿي. بهرصورت مسلمان معاشري جي هڪ ڀاڱي ۾ پذيرائي ماڻڻ کانپوءِ اها اقتدار طاقت ماڻڻ واسطي پتوڙ جو هڪ ذريعو بڻجي وئي ۽ صوفي ۽ پير وچ ۾ اوير ۽ وچ ايشيا ۾ اقتدار طاقت لاءِ جهيڙيندڙ مختلف ڌرين جا ساٿاري بڻجي ويا. سنڌ ۾ سموري وچئين دور ۾، مختلف مهم جوئن ۽ اڳرايون ڪندڙن پيرن ۽ صوفين جون خدمتون ماڻهن تي پنهنجي والر برقرار رکڻ لاءِ استعمال ڪيون. برطانوي بيٺڪيتي انتظاميا پڻ سندن خدمتون حاصل ڪيون جڏهن ته پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ڪين رياستي اسٽيبلشمنٽ سنڌي قومي اُڌمن کي ڪمزور ڪرڻ واسطي استعمال پئي ڪندي آئي آهي.

صوفي ۽ پير تاريخي تناظر ۾

پيغمبر محمد ۽ طاقتور امير ڪٽنب جي فردن وچ ۾ اقتدار طاقت واسطي هلندڙ ڏکهي ويڙهاند سبب ڪيترائي ديندار مسلمان ويڳاڻا بڻجي امت برادريءَ جي مامرن کان پاسيرو ٿيڻ لڳا. ڪين اهو احساس ٿيڻ لڳو ته سندن اڳواڻ پيغمبر جي سنت کان پر پرو پيا ٿين انڪري هو الله ۽ بندي وچ ۾ ذريعو ٿيڻ جوڳا ناهن. هنن الله سان سڌو سنئون رابطو ڳنڍڻ چاهيو. صوفي مت ڪجهه اهڙين بندگين يا طريقن جو عمل هو جنهن ذريعي هُنن رب سان سڌو سنئون تعلق ۾ اچڻ تي چاهيو. 1 الله سان سڌو سنئون ڳانڍاپو قائم ڪرڻ واسطي، صوفين پنهنجو پاڻ کي تڏهونڪي بدعنوان سياست کي پرپرو ڪيو ۽ عمل پذير ملسمان اسٽيبلشمنت جي انجو اُبتڙ بڻجي ويا. بهرحال، هُنن عام طور ڪي اسلامي روائتن جي پاسداري تي ڪئي، روزانو نماز تي پڙهيائون، رمضان جي مهيني ۾ روزا تي رکيائون ۽ ذکر



مراقبي ۽ سماج جهڙين ڪجهه ڪرتن جي اضافي سان شرعي قانونن جي پيروي تي ڪيائون. اهڙين ڳانڍاپي پري سرگرمين لاءِ ڪنهن سرواڻ جي ضرورت محسوس ٿي، نتيجي طور پير، بزرگ، مرشد يا شيخ سامهون آيا جن ان امر جي سرواڻي تي ڪئي. انهن تارڪ الدنيا ماڻهن کي عام ماڻهن صوفيءَ جو نالو ڏنو چاڪاڻ جو هنن ڪنهن مهانگي پوشاڪ بدران عام طور تي سوٽي ڌاڳي مان اُٺيل ڪپڙا تي پهريا سگهوئي صوفت مت جا ڪيترائي پهلو اجتماعي بڻجي ويا ۽ انهن جو اظهار يا عمل انفرادي ۽ نجيءَ بدران عوام تي ويو. انڪي پائيچاري وارو دڳ پڻ اختيار ڪرڻو هو چاڪاڻ جو اوائلي معاشري  ۾ ڪنهن فرد جي انفرادي طور بقا لڳ ڀڳ ناممڪن هئي. انهيءَ تناظر ۾ بقا جي غرض سان اهو آهستي اهستي هڪ منظم سرشتو بڻجي ويو جنهن ۾ مريدن پنهنجو پاڻ کي مڪمل طور تي مرشد کي سپردي ڪندي کان ضابطي ۽ سپردگيءَ جا سبق پرايا. وقت گذرڻ ۽ ”صاحب“ آڏو مڪمل خود سپردگيءَ واري تصور جي وڌڻ ويجهڻ سان، اهو ڪيتر جوڳي حد تائين آپيشاهاڻو بڻجي ويو. صوفي سنتن جو اختيار پاڻ مرادو سندن ايندڙ نسلن ڏانهن منتقل ٿيڻ لڳو، جيڪو وچئين دور جي وراثتي حاڪميت جو وهنوار هو. مختلف سلسلن وارو مامرو وراثتي حاڪمت جي اوسر واري انداز تي ئي وڌندو رهيو. وقت گذرڻ سان، اهي سلسلا جديد دور جي مافيائين يا واپاري ڪٽ وارو انداز اختيار ڪرڻ لڳا جنهن ۾ ڪٽنب جي هر ڀاتيءَ جي سماجي، سياسي ۽ مالي مفادن جو تحفظ سلسلي جي هين ميمبرن جو فرض بڻجي ويو. روحاني محاذ تي، پيغمبر جي روائتن جي وارثي ڪرڻ واري سندن ابتدائي دعويٰ جي آڌار تي، وقت گذرڻ سان، ”صافين جي ساک“ الله جي دوستن“ طور وڌي ويجهي ۽ ڪين خالق ۽ مخلوق وچ ۾ ڳانڍاپي طور ڏسڻ جو وهنوار پختو ٿيڻ لڳو. مختلف درجي

بندين سان، انهن صاحبن کي سنڌن خاص ادراڪ (معرفت) ذريعي الله جي خاص صفتن تائين رسائي رکندڙ ليکيو ٿي ويو، جن وٽ معجزا ڏيکارڻ جي اهليت ۽ طاقت هئي.

پائول (1994) ۽ ٽور (2007) ليکين ٿا ته پير پختا ڪرڻ ڪانپوءِ انهن صاحبن يا صوفي سنتن يا سنڌن وارثن پنهنجي حيثيت سگهاري بڻائڻ لاءِ حاڪمن تي انحصار ڪري رهيا هئا ته ٻئي پاسي ڪيترن ئي معاملن ۾ حاڪم پيرن طرفان سهيڙيل ڳجهن اطلاعن جا محتاج بڻيا. پيرن ۽ صوفين حاڪمن ۽ رعيت وچ ۾ هڪ قسم جي رابطي وارو ڪردار اختيار ڪيو. فاطمي ۽ عباسي گهراڻن وچ ۾ تڪرار جي ڊگهي عرصي دوران صوفي مت ۾ ويساهه ۾ نه ايندڙ اضافو پروڙي سگهجي ٿو. اهوئي ڪجهه منگولن هٿان قتلام واري تباهي ڪانپوءِ واري پيڙاڀري عرصي دوران ٿو نظر اچي. اهو مشاهدو ڪري سگهجي ٿو ته جتي به سگهارين ڌرين وچ ۾ اختيارن تي تڪرار زور ورتو آهي، اُتي صوفين جي هڪ سگهاري موجودگي ظاهر ٿي آهي جيڪا صوفين ۽ اقتدار طاقت حاصل ڪرڻ واري پتوڙ ۾ سڌي سنئين تعلق جو ڏس ڏئي ٿي.

ڏهين يارهين صدي عيسويءَ دوران فاطمي ۽ عباسي گهراڻن ۾ اسلامي دنيا جي مذهبي ۽ سياسي بالادستيءَ لاءِ چٽاڀيٽي صوفين ۽ پيرن جي ڪيترن ئي درجن جي ظهور جو سبب بڻي، صوفين مان تربيت پرايل ۽ وڏيڪ ڄاتو شخصيتن کي متحارب ڌرين پنهنجي حق ۾ پرچار ڪرڻ ۽ ڳجهي ڄاڻ سهيڙڻ لاءِ اسلامي دنيا جي مختلف ايراضين ڏانهن اُماڻيو (ڪرم مصطفيٰ 1994). سنڌن آقائن جي تڪرار پيرن ۽ صوفين جي پيروڪارن ۾ منتقل ٿيو جيڪو اڄان تائين همعصر سلسلن جي پيروڪارن ۾ جاري آهي.

فاطمي ۽ عباسي ٻنهي گهراڻن جي زوال ڪانپوءِ ڪيترين



ئي مختلف علائقائي طاقتون يا سلطنتون اُڀريون جيڪي حتمي بالادستيءَ لاءِ سدائين هڪٻئي سان جهيڙينديون رهيون. مختلف علائقن ۾ هڪٻئي جي مخالف پر سگهاري حيثيت رکندڙ پيرن جي حاڪمن سرپرستي ڪئي يا وري هنن اقتدار جي مختلف دعويدارن جي پٺڀرائي ڪئي. نه رڳو عوام جي صوفي سنتن جي اثر رسوخ کي استعمال ڪيو ويو جيڪو اقتدار جي دعويدارن پنهنجي پتوڙ ۾ ڪتب آندو پر سنڌن خانقاهن کي پڻ سهيڙڻ ۽ پروپيگنڊا جي مقصدن واسطي پڻ استعمال ڪيو ويو. ان درگاهن ۽ سرائي خانن ۾ وڏي پئماني تي سيڙپاڪريءَ جي راهه هموار ڪئي. پنهنجي پسند واري صوفي سلسلن جي شروعاتي سرپرستيءَ ڪري صوفي سنت حاڪمن کان پنهنجي شرطن تي پنهنجون ڳالهيون مڃرائڻ لڳا ۽ عثمانيه خلافت جهڙين مستحڪم سلطنتن لاءِ ڪجهه صوفي سلسلن جي سرگرمين کي ڪچلڻ يا هٽ وس ڪرڻ ڏکيو ڪم ٿي پيو. بهرحال، ڪجهه معاملن ۾ جتي صوفين متحارب دعويدار جي چٽي ريت پٺڀرائي ڪئي ته ڪين ڏمر ۽ موت جي سزائن جو پڻ منهن ڏسڻو پيو.

ترڪي ۽ فارس ۾ سني عثمانيه ۽ شيعه صفوين اسلامي دنيا ۾ بالادستيءَ واسطي پنهنجي ڪڏهن به ختم نه ٿيندڙ دشمنيءَ ۾ صوفي سلسلن کي استعمال ڪرڻ جي ڪامياب حڪمت عملي اختيار ڪئي. اهو تڪرار يا وير انهن علائقن تائين پڻ وڌي آيو جتي انهن سلطنتن جو ڪم سنڌو سنئون راڄ

1 هڪ وسيع تر نظرياتي تناظر ۾، صوفي ۽ پير الله جا دوست ۽ سنڌس ۽ ماڻهن وچ ۾ پُل آهن. الله ڏور ۽ سگهارو حاڪم ۽ عام ماڻهن جي رسائي کان ٻاهر آهي، پيغمبر محمد ماڻهن ڏانهن الله جي آخري سڌي سنئين هدايت جو ذريعو هو. اسلامي عقيدي موجب، محمد ڪانپوءِ رابطي جو ڪوبه سنڌو سنئون ذريعو نه هوندو، سو الله صوفين ۽ پيرن کي پنهنجي دوست طور چونڊيندي دنيا جي هر مخصوص ايراضيءَ منجهائن هر ڪنهن کي مقرر ڪيو. هي اُهي ذريعا آهن جن وسيلي الله سان رابطو جاري ٿو رهي. ڪين پنهنجي مريدن ۽ الله وچ ۾ وسيلو بڻجڻو آهي.

به نه هو. سنڌ ۾ اسماعيلي صفوي مفادن لاءِ ڪم ڪري رهيا هئا جڏهن ته قادري سلسلي وارا عثمانين جي فوجي ۽ سياسي مفادن جي نمائندگي ڪري رهيا هئا. ڪيترائي عثمانيه خلافت جا اهلڪار قادري صوفين جي روپ ۾ سنڌ پهتا ۽ انجي مختلف هنڌن ماڳن تي ٽانيڪو ٿيا. هنن پنهنجو پاڻ ڪي اڳيئي پير ڪپايل گيلاني ۽ هجويري صوفي سلسلن سان ڳنڍيو ڪجھ عرصي ڪانپوءِ پروڙيو ويو ته پيرن ۽ صوفين جو روپ ڌاريل عثمانيه خلافت جا عملدار صفوي چاڙتن ڪان وڌي ويا آهن ۽ اسماعيلن ڪي ڌاڪٽين پاسي گجرات ڌانهن ڌڪيو ويو. مغلن اتر هندستان ۾ سوري گهراڻي جي سربراهيءَ ۾ افعانن جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ صوفي سلسلن ڪي ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيو، جنهن ڪانپوءِ اتر هندستان جي مسلمانن ۾ پنهنجو پاڻ ڪي سچي مسلمان حاڪمن طور مڃرائڻ لاءِ پتوڙيائون. دهليءَ جي تخت لاءِ ڪيترين ئي رتو ڇاڻ پري لڙاين جي نتيجي ۾ پنهنجا پير پختا ڪرڻ ڪانپوءِ مغل حاڪمن عوامي پنيرائي حاصل ڪرڻ لاءِ قادري صوفين ۽ پيرن ڪي پنهنجو سروارڻ بڻايو. مغلن جي آمد ڪان اڳ، اتر هندستاني جي ڪجھ ظالم ترين حاڪمن مشهور پيرن ۽ صوفين جون خدمتون حاصل ڪري رکيون هيون. سلطان التمش ڪي خواجا معين الدين چشتيءَ جي پنيرائي حاصل هئي. غياث الدين بلبلن ڪي شيخ فريد الدين گنج شڪر جي آشيرواد حاصل هئي جڏهن ته محمد تخلق شيخ نظام الدين اوليا جو منظور نظر هو. (عزيز 2001).

جڏهن ارغونن سڌن تي ڪاھ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته هنن سما گهراڻي جي حڪومت بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ واسطي سهروردي پيرن ۽ صوفين جون خدمتون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن عام ماڻهن ۾ غلط ڄاڻ ۽ دپ ڊاھ وارا افواھ پکيڙي سگهجن. پر جيئن ته سما حاڪمن سهروردي



سلسلي وارن جي چڱي پرگهور ٿي لٿي سو شروعات ۾ هنن ارغونن سان سهڪار ڪرڻ ڪان نابري واري. پلاند طور، ارغونن سنڌ ۾ پنهنجا پير ڄمائڻ ڪانپوءِ نه رڳو مخدوم بلاول جهڙن صوفين ڪي سزائون ڏنيون پر وچ ايشيا ڪان پنهنجا صوفي ۽ پير پڻ آنداڻون ته جيئن مقامي صوفين جي جاءِ والارين. ارغون ڦوروئن طرفان آندل صوفي ۽ پير گهڻي ڀاڱي قادري ۽ لقشمندي سلسلن وارا هئا. جڏهن سهروردي پيرن ڪي احساس ٿيو ته سنڌي حاڪم ارغونن ڪي شڪست ڏيئي نه سگهندا ته هنن به آڻ مڃي ۽ زمين نذراني عيوض سنڌ جي نئين فاتح شاھ حسن ارغون ڪي پنهنجون خدمتون آڇيائون. ارغونن ڪي مهدوي سلسلي ڪان به مدد حاصل رهي جيڪو هو ته سهن سان لڳاپيل پر پيرن ۽ صوفين جي ٻين سلسلن ڪان وڌندڙ هٽ ڇراند ۽ دٻاءُ جي نتيجي ۾ مهدي موعود طور عمل ڪندڙ سير محمد جو پنوري ۽ سما حاڪمن وچ ۾ گهاٽا لاڳاپا انت تي پهتا. ڪيترائي مهدوي پيروڪار سمن جي سرپرستي وڃائڻ ڪاپوءِ ارغونن جي تحفظ ۾ اتر ڏانهن لڏ پلاڻ ڪري ويا. ڪجھ مهدوي صوفين ڪي ڪاھ ڪان اڳ سنڌ اُماڻيو ويو ۽ شاھ حسن ارغون ڪي وٽائن سنڌ جي صورتحال بابت تازي ترين ڄاڻ ملي. بهرصورت، ارغون اقتدار تي زوال ڪانپوءِ مهدويت ڪي مرتد ليکيو ويو ۽ سنڌ ۾ هنن خلاف وٺ پڪڙ شروع ٿي وئي.

ايران ۾ اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ صفوي گهراڻي پڻ شروعات ۾ صوفين ۽ پيرن جون خدمتون حاصل ڪرڻ جي راھ ورتي. استحقات وارو گهوٽالو درپيش اچڻ تي ايران جي ٽاچار گهراڻي بسطامي ۽ شاھ ولي صوفي سلسلن جون خدمتون حاصل ڪرڻ چاهيون، موٽ ۾ هنن نه رڳو انهن سلسلن جي انفرادي صوفين ڪي دان ڏنا پر سندن درگاهن ۽ خانقاهن ڪي پڻ وڏي پئماني مالي مدد فراهم ڪئي وئي. ڏکڻ هندستان ۾

صوفي بزرگ ايترو ته بااثر بڻجي ويا جو ڪين ڪلئي عام دربار جو حصو ٿي بڻايو ويو ۽ حڪمران طبقن ۽ ڪجھ صوفي ڪٽنبن ۾ سنگبنديون پڻ ٿيون. سترهين صدي عيسويءَ دوران احمد شاھ ابداليءَ اتر هندستان ڪي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ واري پنهنجي پتوڙ ۾ صوفين ۽ پيرن جي پرچارڪ خدمتن ۽ جاسوسيءَ وارو ڍانچو استعمال ڪرڻ جي وڏي پئماني تي ڪوشش ڪئي.

ڪڏهن ڪڏهن سگهارن لاءِ نوان صوفي ۽ پير پيدا ڪرڻ ضروري ٿي پيو ۽ ڪيترن ئي موقعن تي صوفين ۽ پيرن تي ايجنٽ وارو ڪم پڻ ڪيو. اوڻويهين صدي عيسويءَ دوران وچ ايشيا تي بالادستيءَ واسطي روسي ۽ برطانوي سلطنتن وچ ۾ ”عظيم راند“ واري ويڙهاند ۾ ٻنهي حريفن اتر اولهھ هندستان ۾ احمد شاھ بريلوي 1 ۽ فقيراپيءَ ڪي هڪٻئي خلاف استعمال ڪيو. ڪائو ڪشيا ۾، برطانوي ۽ عثمانيه سلطنتن روسي فوجن ڪي ڊگهي عرصي تائين پاسائي رکڻ واسطي غازي محمد ۽ شامل جي سربراهيءَ واري صوفي سلسلي ڪي استعمال ڪيو. گرين (2012) موجب هندستان ۾ صوفي سلسلن ته ناقابل فتح برطانوي سلطنت ڪي پڻ پنهنجون خدمتون آڇيون. سندن خدمتن ڪي بينڪيتي انتظاميا پنجاب ۽ سنڌ جي ڳوٺاڻي آباديءَ تائين پهچڻ ۽ برطانوي فوج ۾ ڀرتي ٿيل مسلمان سپاهين ڪي اخلاقي هشي ڏيڻ لاءِ ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيو. گرين ( 2012) ڄاڻائي ٿو ته بينڪيتي انتظاميه ۽ صوفين وچ ۾ انهيءَ اتحاد 1859 واري هندستاني سپاهين جي بغاوت ڪانپوءِ هندستان جي صوفي روائتن ۾ مختلف عنصرن ڪي نئين سر داخل ڪيو. بينيڪتي انتظاميا سان سندن لاڳ لاڳاپن صوفي سلسلن لاءِ جوڳا نوان موقعا پئدا ڪيا ۽ عام مسلمانن ۾ سندن طاقت ۽ تعظيم ۾ اڻ مريو اضافو ٿيو.

### سنڌ ۾ پير ۽ صوفي



سنڌ ۾ پيرن ۽ صوفين جو مامرو شروعاتي عرب دور ڪان ملي ٿو. ان امير دور ۾ پنهنجا پير پختا ڪيا ۽ وچئين دور ۾ وچ ايشيا ۽ وچ اوڀر ڪان ايندڙ ڦوروئن ۽ همه جوئن مٿان تااراج ٿيڻ ٿيندڙ سنڌ جي پيڙا ڀري عرصي دوران واڌ ويجھ ماڻي. شروعات ڪان وٺي هاٺوڪي دور تائين ڪين مختلف حڪران گهراڻن پنهنجي مخالفن ڪي ڪمزور ڪرڻ يا سنڌ تي بالادستيءَ لاءِ نفسياتي برتري حاصل ڪرڻ يا اقتدار جي متحارب دعويدارن طرفان گهرو لڙائي جي پيدا ڪيل صورتحال ۾ ڪنهن نه ڪنهن ريت استعمال پئي ڪيو آهي. (شاھ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جون ٻه استشنائون ملن ٿيون). سنڌ ۾ مذهبي اڳواڻ خاص طور تي پير، صوفي ۽ سجادي نشين واڳ ڏٽين لاءِ ساز باز ڪرڻ واسطي انتهائي قدر ڀريو ذريعو آهن جن صدين ڪان سنڌ ڪي محڪوم پئي بڻائي رکيو آهي. شيخ بهاءُ الدين ذڪريا، مخدوم جهانيان، شيخ نوح، عثمان مروندي (لال شهباز قلندر) اُهي اهم نالا آهن جن ڦوروئن سان وڏي پئماني تي ساز باز پئي ڪيو آهي.

سنڌ ۾ سومرن ۽ سمن هڪٻئي سان چٽاڀيٽيءَ ۾ رڌل صوفي سلسلن جون خدمتون ماڻيون، جيئن ته سماءِ سومرا لاڳيتو دهليءَ جي سلطانن سان ٽڪراءُ ۽ تڪرار ۾ هئا، انڪري ڪجھ پيرن، مثال جي طور تي اُچ جي مخدوم جهانيان ”جهان گشت“ سمن ۽ سلطان فيروز شاھ تغلق ٻنهيءَ لاءِ جاسوسيءَ واريون خدمتون سر انجام ڏنيون. هڪ مرحلي تي ٺياڪڙ طور، پير سمي حاڪم ڪي دهليءَ جي سلطان جي اختيار آڏو آٽ مڃڻ تي ڪاميابيءَ سان سهمت پڻ بڻائي ڇڏيو هو. ارغونن سهروردي سلسلي جي هڪ نک جي سرپرستي ڪئي جنهن جي سربراهي هالاڪنديءَ جي مخدوم اسحاق وٽ هئي ته جيئن سهروردي سلسلي جي ٻين صوفين ڪي رد ڏيئي سگهجي جيڪي سنڌي

حاڪمن جي حمائت ڪري رهيا هئا. سنڌن راڄ دوران، هالا مرڪز بڻجي ويو جتان بڪيرا، مٽياري، بلڙي ۽ سن ۾ صوفين جو چار پکيڙيو ويو.

صوفي ۽ پير سنڌ ۾ اقتدار جي جوڙ توڙ ڪندڙن طور

شروعاتي وچئين دور دوران، سهروردي سلسلي سان تعلق رکندڙ پيريتو، سيد ساجن سروري، پير حاجي منگهو، سنڌ ۾ اقتدار جي ساز باز جا اهم ڪلاڙي بڻجي ويا. سترهين ۽ ارڙهين صدي عيسويءَ واري سنڌ ۾، صوفي ۽ پير اقتداري سياست ۾ ايترو ته گهڙي ويا جو هو حاڪمن لاءِ ڳجهي چاڻ سهيڙيندڙن مان بادشاهه گر بڻجي ويا. بادشاهه گريءَ وارو سنڌن ڪردار اوڏي مهل بنهه چٽي ريت سامهون آيو جڏهن هنن ٽالپرن جي بغاوت جو جواز پيش ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جن ڪلهوڙن کي اقتدار کان تڙي ڪڍيو هو. تاريخ ۾ پهريون پيرو، ٽالپر ميرن صوفين ۽ پيرن جي ڪٽنبن جي ڪجهه فردن کي اهم وزارتون ڏنيون، حڪومت ۾ شموليت سان، هو ٽالپرن جي ڪمزورين کان وڌيڪ چٽي ريت واقف ٿيا ۽ انگريزن جي اٿندڙ لهر کان پلي پت آگاهه ٿيا. هنن ڳجهي ريت پنهنجو پاڻ کي ايندڙ حاڪمن لاءِ تيار ڪيو ۽ اسٽيٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي عملدارن کي اهم فوجي چاڻ ۽ سماجي، سياسي صورتحال جو تجزيو ڏيندي ساٿن ڳانڍاپا ڳاهڻ شروع ڪيا.

پير ۽ صوفي بيٺڪيتي دور ۾

هندستان ۾ بيٺڪيتي دور دوران صوفين ۽ پيرن طاقت حاصل ڪرڻ ۽ اختياري وارن کان مادي لاڀ پرائڻ لاءِ پنهنجون خدمتون استعمال ڪيون. بيٺڪيتي انتظاميا سان سنڌن ساز باز صوفي روائتن جو هڪ سڌو سنئون تسلسل هو جيڪو سنڌ ۾ سوين سالن کان موجود هو. مسلمان مذهبي اڳواڻن ۽ پيرن جي پٺڀرائي حاصل ڪرڻ جو هڪ سبب پنهنجي محدود مالي ۽



انساني وسيلن هوندي به هڪ وڏي شاهي آباديءَ واري هندستان جي انتظامي معاملن کي وڌ کان وڌ سهڪار حاصل ڪري هلائڻ واري ڊگهي عرصي کان هلندڙ برطانوي پاليسي هو. انصاري (1992) بيٺڪيتي راڄ دوران انهيءَ مذهبي قيادت جي ڪردار کي هن ريت ٿي سامهون آئي.

”سنڌن زميني يا غير زميني سگهاري ڀاهرين قوتن ۽ علم مردن ۽ عورتن وچ ۾ ڊگهي عرصي کان هلندڙ ڪردار بيٺڪيتي اختيارن کي آباديءَ جي هڪ وڏي ڀاڱي تي پنهنجو تسلط برقرار رکڻ جو هڪ جوڳو ذريعو فراهم ڪيو“. (صفحو نمبر 3).

دولت جي وڏي مقدار عيوض سازباز ۽ سهڪار ڪرڻ لاءِ سهروردي ۽ نقشه بندي سلسلي جا پير هر وقت تيار بيٺل هئا. عوام ۾ پنهنجو اثر رسوخ وڌائڻ لاءِ پنهنجي دولت ذريعي هنن ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مدرسن جو چار وڇائڻ جي ڪوشش ڪئي. اڄوڪي سنڌ ۾ نظر ايندڙ درگاهن جو اڻٽٽ سلسلو مختلف پسمنظرن سان تعلق رکندڙ پيرن ۽ صوفين وچ ۾ بيٺڪيتي انتظاميا کان لاڀ پرائڻ لاءِ مستقل پتوڙ جو تسلسل آهن. بيٺڪيتي انتظاميا جي پٺڀرائي حاصل ڪري وهنوار ۾، ڪيترن ئي موقعن تي مختلف سلسلن وچ ۾ شديد تڪرار ۽ ڏقير پڻ ڏٺا ويا. اهو آڌو رکڻ اهم ٿيندو ته ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ پيرن ۽ صوفين ئي بيٺڪيتي حاڪمن آڏو قومپرستاڻو انداز اختيار ڪيو ۽ ڪڏهن به ڪانئن لاڀ پرائڻ جي سڌ نه ڪيائون.

1843ع ۾ سنڌ تي ڪاهه مهل، انگريزن اڳيئي سنڌ جي سگهارن پيرن، صوفين ۽ سجادي نشينن جي حمائت حاصل

1 سيد احمد برطانوي فوج ۾ اڳوڻو ڪيولري آفيسر. هو جنهن کي تربيت ڏئي هندستان جي اتر اولهه سرحدي علائقي ۾ پير ۽ جهاديءَ طور اُماڻيو ويو. سيد احمد کي سامهون آڻڻ جو مقصد هندستان ڏانهن روس جي امڪاني پيش قدميءَ خلاف قبائلي آبادي کي متحرڪ ڪرڻ هو. اڳتي هلي ڪيس پنجاب جي حاڪم رنجيت سنگهه کي هيسائڻ لاءِ پڻ استعمال ڪيو ويو. اڳتي هلي سيد احمد ٻٽو ايجنٽ بڻجي ويو ۽ روسين کان به پئسا ڏوڪڙ وٺڻ شروع ڪيائين.

ڪري ورتي هئي. اڳرائي جي صورت ۾ انگريزن جي حمائت ڏانهن صوفين ۽ پيرن جي عمومي پاليسي مٽجڻ ۾ هالا جي مخدومن جو اهم ڪردار هو. پير پاڳاري پڻ سنڌ تي قبضي کان اڳ انگريز وهنوارن کي هٿي ڏني. پيرن ۽ صوفين جي خدمتن کي سنڌين کي تڏو ڪرڻ واسطي وڏي پئماني تي استعمال ڪيو ويو، نتيجي طور مياڻيءَ ۾ سنڌين کي شڪست اچڻ کانپوءِ ڪوجهگي مزاحمت نظر نه آئي. اسٽيٽ انديا ڪمپنيءَ جي عملدرن وٽان ڪين نه رڳو برطانوي والار ڏانهن ڪنهن مخالفت بابت جاڻ سهيڙڻ جي ذميواري تي ملي پر ڪين ماڻهن کي محڪوميءَ تي راضي ٿيڻ بابت پرچار ڪرڻ جو ذمو پڻ ڏنو ٿي ويو. پاڪستاني رياست جي اسٽيبلشمنٽ هاٿوڪي دور ۾ پڻ صوفين ۽ پيرن کان ساڳيو ئي ڪم وٺي رهي آهي.

سنڌ تي برطانوي قبضي واري عرصي دوران، اِهي الله ۽ عام مسلمانن وچ ۾ ديندار رابطي ڪار ساز باز ڪندڙن طور ڪلي ريت سامهون آيا ۽ مختلف درجن ۾ بيٺڪيتي حاڪمن جا صلاحڪار بڻيا. هنن انتظامي ضلعي ۽ ڊويزنل عملدارن سان پنهنجي لڳ لاڳاپن جو فخر پري انداز ۾ ذڪر ٿي ڪيو. ڊويزنل جي سطح تي برطانيا جي وفادارن لاءِ ڪونايل دربار جي موقعي تي صوفي ۽ پير ڊويزنل ڪمشنر جي ساڄي پاسي ڪرسي حاصل ڪرڻ لاءِ هنيوچيون هٽندا هئا ته جيئن هو انتظامي عملدار جي ويجهو ويٺل ڏٺا وڃن. عزيز (2001) ڄاڻائي ٿو ته انگريز ڪين سندن مقامي پوئلڳيءَ جي آڌار تي ڪين مراعتون ڏيڻ ۾ پرڙ هئا. مريدن جو وڏو تعداد رکندڙ پير کي صوبائي دربار جي نيند ٿي ملي جڏهن ته گهٽ مريد وارن کي ڪنهن هيٺانهين سطح جي دربار جي نه رڳو پير پر سندس ڪٽنب ڀاتين کي پڻ ذيلداري، لمبرداري ۽ بيٺڪيتي فوج ۾ ڪجهه غير آفيسر عهدن سان پڻ نوازيو ٿي ويو (عزيز 2001). هيءُ اهو دور هو جڏهن انهن پيرن ۽ صوفين



نه رڳو وڏي پئماني تي دولت ۽ جاگيرون ميڙيون پر سرڪاري حلقن ۾ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪندي پنهنجي سماجي مان مرتبي ۾ پڻ اضافو آندائون. جهڙي ريت انصاري (1992) رکي ٿي ته سنڌ ۾ برطانيا سياسي ڪنٽرول جو هڪ سرشتو جوڙيو جيڪو مقامي اتحادين کي آڌاريل هو. جن ۾ صوفين ۽ پيرن جو جوڳو ڳاٽيٽو هو. اهي اتحادي بيٺڪيتي انتظاميا ڀاران مقامي معاملن جي سار سنڀال لهندا هئا ۽ الله ۽ عام مسلمانن وچ ۾ رابطي ڪاريءَ سان گڏوگڏ هو برطانوي انتظاميا ۽ عام آباديءَ وچ ۾ پڻ ٽياڪڙا رابطي ڪار بڻجي ويا. علي (2005) سجادي نشينن جي سياسي حيثيت بيان ڪندي دليل ٿو ڏئي ته انگريزن سندن مقامي اختيار کي تسليم ڪيو ۽ ڪين اعليٰ درجي جي مراعتن، زمين جي وڏن شاهي تڪرن ۽ سرڪاري ڪامورڪي پاليسن کي لاڳو ڪرڻ واسطي سرپرستيءَ سان نوازيو ويو. زمين جي مالڪيءَ ڪين ڳوٺاڻن علائقن ۾ جاگيردار بڻائي ڇڏيو. ان ريت وقت گذرن سان رياستي سرپرستيءَ سجادي نشينن کي خاص طور تي سنڌ ۽ پنجاب ۾ هڪ سگهاري سياسي سگهه بڻجڻ جي راهه فراهم ڪئي جيڪا هنن پنهنجي وراثت ۾ حاصل مذهبي سگهه ۽ جاگيردارڻي اثر رسوخ سان حاصل ڪئي. بهرحال هڪ پير ڪٽنب اوڻهويهين صدي عيسويءَ جي آخري ڏهاڪي دوران برطانوي راڄ آڏو نه جهڪڻ جي حوالي سان استشني طور سامهون آيو جڏهن پير پاڳارو برطانوي وفادار کان تبديل ٿي قومي آزاديءَ جو سرواڻ بڻجي ويو. شايد اهو صوفي ڪيترجي تاريخ ۾ انوکو مامرو هو جو هڪ ظالم ۽ ڏاڍائي ڪندڙ طور ڄاتو سڃاتو ويندڙ هڪ پير ڪنهن قومپرست ۾ تبديل ٿي ويو ۽ برطانوي سلطنت خلاف ڇتي پر ناڪام مزاحمت شروع ڪري ڏنائين.

پير ۽ صوفي سرگرم سياستدان طور

وراثت ۾ مليل مذهبي حيثيت ۽ انتهائي دولت سبب سجادي نشين ۽ پير سدائين پنهنجي روحاني ۽ سياسي حيثيت سگهاري رکڻ ۾ ڪامياب پئي رهيا آهن. مشهور صوفين جو آل اولاد ورهاڱي کان اڳ واري هندستان ۾ اليڪشني سياست ۾ حصو وٺندو پئي آيو آهي (عزيز 2001) ان ڏس ۾ هو خاص طور تي اجوڪي پاڪستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ خاص طور تي سماجي ۽ سياسي حوالي سان هڪ رڪاوٽ پئي رهيا آهن. ليئون (2011) بحث ٿو اُتاري ته درگاهن جو ڪنٽرول رکندڙ آهي سجادي نشين حقيقت ۾ مقامي آباديءَ تي پنهنجو اثر رسوخ ۽ ڪنٽرول برقرار رکڻ لاءِ مقامي جمهوريت ۾ هٽ پير نتا هٽڻ. ايونگ (1983) واضع ٿو ڪري ته 1960 ۽ 1970 وارن ڏهاڪن دوران جنرل ايوب خان ۽ ذوالفقار علي ڀٽي ٻنهي صوفي درگاهن جو تعداد وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ پاسي، هنن ڪين پاڪستان ۽ اسلام جي شان شوڪت لاءِ يتڪيل چاهه لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٻئي پاسي هنن درگاهن جي سياسي سگهه ميڙڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي پر پنهنجي ذاتي سياسي مفادن ڪري ناڪام رهيا. (ايونگ، 1983) مٿان وري جنرل ضيا پنهنجي پسند واري اسلامائزيشن متعارف ڪرائيندي ساڳي ريت صوفين ۽ پيرن کي ڪجهه ڏار مقصدن لاءِ پنهنجي هٽ وس آڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن درگاهن جي روائتي وهنوار جي جاءِ تي اسلام جي وهابي عقيدو مڙهڻ ٿي چاهيو پر اڳتي هلي کين ناراض ڪرڻ بدران ڪيس پڻ سجادي نشينن ۽ پيرن جو مذهبي ۽ سياسي اثر رسوخ استعمال ڪرڻ واسطو ڪارائتو وکر نظر آيو. (ايونگ 1983، 1987)، عزيز 2001، رحمان 2006) .

### صوفي، پير ۽ سنڌي قومپرستي

سنڌي قومي سڃاڻپ جي هڪ عنصر طور صوفي مت



جي تشبيهه تاريخي خام خيالي رهي آهي پر حيرت انگيز طور تي سنڌي قومپرستن جي اڪثريت انکي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪندي رهي آهي. هو انکي پاڪستاني رياست جي مذهبي انتهاپسندي ۽ اڻ سهپ خلاف سنڌي سيڪولر وهنوار طور پيش ڪندا رهيا آهن، بهرصورت، اهو سندن طرفان مامرن کي بنا ڪنهن اورچائپ سان جانچڻ جو اظهار آهي ته مذهبي سهپ ۽ سيڪولرزم وارو وهاٽوڪو سنڌي ورثاءُ صوفي مت جو نتيجو آهي جيڪا سنڌ ۾ نوني صدي عيسويءَ کان آئي آهي. اهو ان تاريخي حقيقت کان اکيون ٻوٽڻ ٿيندو ته خطي ۾ اسلام جي متعارف ٿيڻ کان اڳ ڇهين ۽ ستين صديءَ عيسويءَ ۾ سنڌ پنهنجي سونهري دور ۾ مختلف مذهبن، ٻولين ۽ فوجي وجودن جو مرڪز هئي.

سنڌ جو اهو بيانو ته اها صوفين جي ڌرتي آهي ۽ جيڪو اڄرج جي ڳالهه آهي ته وڏي پئماني تي قبوليت پڻ ماڻي پيو. تاريخي طور تي درست ناهي. ان 1950 ۽ 1960 وارن ڏهاڪن دوران نالي چڙهيل قومپرستن جي ڪوشش سان پذيرائي حاصل ڪئي. جي ايم سيد، ابراهيم جويو ۽ شيخ اياز جهڙن سنڌي قومپرستن لاءِ پنهنجي جدوجهد جي هڪ مخصوص مرحلي تي رياست جي مذهبي قدامت پرستيءَ کي رد ڏيڻ لاءِ سنڌ کي صوفين جي ڌرتي ليکڻ مٿان ضروري ٻه هجي. پاڪستان جي شروعاتي ڏهاڪن ۾ سنڌي قومپرستن جو خيال هو ته رياست وحداني سنڌي معاشري کي جهڪائڻ ۽ تباهه ڪرڻ لاءِ معاشري، ثقافت ۽ عقيدي جي هڪ مرڪزي هئڻ واري تصور کي استعمال ڪري رهي هئي. هجتن آڏو صوفي مت سنڌي قوم کي هڪ اهڙي گروهه طور سامهون آڻيندي جنهن جي سماجي، سياسي ۽ مذهبي شعور ۾ مختلف مذهبن ۽ ثقافتن جي ڀاڱي پائيواري آهي جيڪي تاريخي طور تي ان خطي ۾ ايندا پئي رهيا

آهن. سنڌي سوچ ڌارا ۾ صوفين جي ڪردار ۽ صوفي مت جي ساراهه کي رياست طرفان پروپيگنڊا ڪيل بياني کي رد ڏيڻ واسطي ڄاڻي ٻوجهي وڏائي چڙهائي پيش ڪيو ويو، پر سنڌي قومپرستن جي اها حڪمت عملي ڪامياب نه ٿي سگهي جو صوفي ۽ پير پنهنجي تاريخي روائت کي برقرار رکندي رياستي اسٽيبلشمنٽ جو اوزار ئي بڻيل رهيا. صوفي عقيدي جي اڳواڻ ئي طئي ٿيل ڀاڳ ۽ تابعداريءَ واري تصور کي رياست فوري طور تي پنهنجو ڪيو ته جيئن ماڻهن جي من ۾ ويهاري سگهجي ته صوفين جي دريءَ جي رهواسين طور هو پنهنجي پيڙائن ۽ رياستي استحصال کي پنهجو ڀاڳ ليکيندي نماڻا ۽ تابعدار ئي رهن.

بهرصورت، اهڙا به ڪيئي استثنائي مثال ملن ٿا جن ۾ صوفين ۽ پيرن نه رڳو سنڌي ادب ۽ ثقافت جي واڌ ويجهه ۾ حصو وڌو آهي پر هو مجموعي سنڌي قومي شعور جي واڌ ويجهه ۾ پڻ ڀاڱي ڀائيوار رهيا آهن. ڪوبه پنهنجي ادبي شهپارن ذريعي حب الوطني، آزادي، عام ماڻهن جي خوشحالي، بدعنوانين ۽ ڏاڍ ڏمر کان آجپي، پاڻ ارپڻ واري جذبي ۽ سهپ جا آدرش پکيڙڻ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي ڀاڱي کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. صوفين ۽ پيرن جي گهراڻن سان تعلق رکڻ جي باوجود سندن ڪردار اقتدر جي جهيڙي ۾ ڌر بڻجندڙن کان بنهه مختلف هو. ادبي، ثقافتي ۽ عملي کيترن ۾ سندن ڀاڱي ڀائيواريءَ سبب اهو قومپرست ڌرين ۾ سڀ کان وڌيڪ مڃتا ماڻيل پير ۽ صوفي آهن. کين وچئين دور جا سنڌي فلسيوف ليکي سگهجي ٿو. هو بلاشڪ سنڌي قوم جي اجتماعي سماجي شعور جو عڪس، سنڌي سماجي وهنوارن جو اظهار ۽ ڏکين ڏينهن ۾ سنڌ واسين جي پيڙائن جو پڙلاءُ هئا. سنڌي قومپرست اهڙي شاندار ڌرتي ڄاولن تي فخر ڪري سگهجن ٿا، پر هاڻوڪي سنڌي قومي جدوجهد جي تناظر ۾ شاهه لطيف ۽



سچل سرمست جي عيوض سموري صوفي وهنوار کي سازباز ڪرڻ ۽ اندران ئي اندران ڪاٽ هڻڻ واري گناهه کان آجو نٿو ڪري سگهجي. عملي طور تي لڳي اهو ٿو ته صوفين ۽ پيرن وارو وهنوار نه رڳو ماضيءَ ۾ سنڌ لاءِ مسئلو هو پر اهو مستقبل ۾ پڻ سنڌي قومي جدوجهد لاءِ مسئلو ئي رهندو.

### پيپلز پارٽي ۽ عوامي تحريڪ : ڌيان هٽرائيندڙ

سنڌي عوام جي پاڪستاني ڏاڍ ڏمر خلاف ڀيڙا ڀري جدوجهد ۾ ٻه عنصر نه رڳو جدوجهد جو رُخ موڙڻ لاءِ اهم ڪردر ٿا ادا ڪن پر خود سنڌي عوام جي قومي اُڏمن کي مُنڌو ڪرڻ ۾ پڻ سوڀارا رهيا آهن. 1960 واري ڏهاڪي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو طرفان پيپلزپارٽي ۽ رسول بخش پليجو طرفان عوامي تحريڪ قائم ڪرڻ ڪيترن ئي حوالن کان سنڌي قومي جدوجهد کي ڪمزور ڪرڻ ۾ انتهائي اهم ٻه واقعا آهن.

### ڀٽو: ساز باز جي راهه تي

برطانوي راڄ جي خاتمي تي پاڪستان خطي ۾ موجود بيئنڪيتي انتظاميه جا سمورا چاڙتا ورثي ۾ ماڻيا. پاڪستان جي رياستي اسٽيبلشمنٽ انهن وراثتي بيئنڪيتي چاڙتن ۽ سندن آل اولاد کي قومي وجودن تي پنهنجو آپيشاهاڻو راڄ برقرار رکڻ لاءِ انتهائي ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيو. انگريزن جي هڪ چاتل سچاتل ايجنٽ مير شاهنواز ڀٽو جي پٽ ذوالفقار علي ڀٽو کي پهريون پيرو جنرل ايوب خان جي فوجي حڪومت ۾ شامل ڪيو ويو جنهن ۾ هُن پرڏيهي وزير سميت مختلف عهدن تي ڪم ڪيو. اڳتي هلي 1960 واري ڏهاڪي ۾ کيس اسٽيبلشمنٽ عوامي اڳواڻ طور سامهون آندو. کيس سامهون آڻڻ جا ڪيترائي مقصد هئا، جي ايم سيد جي ڪرشماتي قيادت ۾ سنڌي قومپرستيءَ جي وڌندڙ خطري کي منڌو ڪرڻ، ترقي پسند نعرا اُڀاري کاٻي ڌر جي سياست ۾ مونجهارا پيدا ڪرڻ ۽

اولهه پاڪستان ۾ پٽ وڃايل مسلم ليگ ۽ انجي اڳواڻ جنرل ايوب خان جو متبادل سامهون آڻڻ انهن مان ڪجهه عنصر هئا.

نفاست سان تيار ڪيل منصوبي ۾، اسٽيبلشمنٽ ڀٽي جي هڪ نئون روپ پيش ڪرڻ شروع ڪيو. پهرين ڪيس 1966 ۾ فوجي قيادت واري حڪومت تان استعفا ڏيڻ لاءِ چيو ويو جنهن ڪانپوءِ رات وچ ۾ ڪيس رياست جي ڪنٽرول واري سڌ سماءُ جي ذريعن عظيم جمهوري اڳواڻ طور پيش ڪرڻ شروع ڪيو. اوچتو ئي اوچتو، بنياد پرست مسلم ليگ جي سيڪريٽري جنرل ڪان هُن ڪي هڪ ترقي پسند شخص طور پيش ڪرڻ جو عمل شروع ٿي ويو. سگهوئي سمورا ساڄي ڌر وارا جاگيردار، صوفي ۽ پير، اڳوٽا ڪامورا ۽ رياستي اسٽيبلشمنٽ جا وفادار سياستدان سندس ترقي پسند ۽ ڪاٻيءَ ڌر وارو ڏيک رکندڙ پيپلز پارٽيءَ ۾ گڏ ڪيا ويا. انتهائي ڏاهپ ڀري ترڪتال ۽ سڌ سماءُ جي ذريعن جي وڏي پئماني تي ڪيل تشهير جي نتيجي ۾ انهيءَ نئين پارٽيءَ 1970 وارين عام چونڊن ۾ سنڌ ۽ پنجاب مان اڪثريتي سِيٽون حاصل ڪيون جڏهن ته شيخ مجيب الرحمان جي سرواڻيءَ ۾ عوامي ليگ اوڀر پاڪستان مان قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون اڪثريتي سيٽون حاصل ڪري ورتيون، نيشنل عوامي پارٽيءَ اتر اولهه سرحدي صوبي (هاڻ خيبر پختونخواهه) ۽ بلوچستان جي صوبائي اسيمبلين ۾ اڪثريت حاصل ڪئي. بهرحال، فقط ٻن صوبن مان کٽڻ جي باوجود جنرل يحيٰ خان جي فوجي حڪومت ڀٽي ڪي اولهه پاڪستان جي اڳواڻ طور ليکڻ شروع ڪيو. ڪيس سندس ڪابينا ۾ پرڏيهي وزير طور شامل ڪيو ويو. فوجي اسٽيبلشمنٽ سان سندس وفاداري ايتري ته پختي هئي جو 1971 ۾ بنگلاديش جي آزاديءَ ڪانپوءِ ڀٽي ڪي پاڪستان جو پهريون سويلين چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر



مقرر ڪيو ويو. جنهن جو عالمي سياسي تاريخ ۾ ڪو مثال ملڻ محال آهي.

ذوالفقار علي ڀٽي رياستي اسٽيبلشمنٽ طرفان ڪيس سونپيل فرض انتهائي وفاداريءَ سان نڀايا. هُن پنجاب ۽ سنڌ ۾ ترقي پسند ۽ سيڪولر جماعتن جي حمائت ۾ ڏار وڌا. سيڪولر ۽ ترقي پسند نعپ تي پابندي وڌائين ۽ بلوچستان ۾ خونخوار فوجي آپريشن شروع ڪيائين جنهن دوران هزارين بلوچ فوج هٿان اجل جو شڪار بڻيا. هن جي سمورن اڳواڻن کي قيد ۾ واڙيو ويو ۽ مٿن بدنام حيدرآباد سازش ڪيس تحت بغاوت جو ڪيس هلايو ويو. بهرحال سنڌي قومي جدوجهد کي سندس هٿان آيل نقصان ڏار پرجڻ جهڙا نه هئا. ڪم نڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس انتهائي توهين آميز انداز ۾ سندس ئي تخليقڪارن 1979 ۾ ميساري ڇڏيو پر سندس پيپلز پارٽي اجان تائين سنڌ جي قومپرست سياست تي لامارا هڻي رهي آهي.

سنڌي قومپرستن لاءِ ڀٽو اچرج وارو مامرو هو. جيتوڻيڪ سگهوئي واضع ٿي ويو ته سندس پويان ڪير هو پر ان هوندي به هو جوڳي تعداد ۾ سنڌي نوجوانن کي قومي جدوجهد تان هٽائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هُن سنڌي قومي جدوجهد جي قيادت تي جاگيردارن ۽ پيرن جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ جو الزام ڏريو جڏهن ته صوفي ۽ جاگيردار ساڻس گڏ پيپلز پارٽيءَ ۾ هئا. جيتوڻيڪ قومپرست آڏو حقيقي تصوير پيش ڪرڻ ۽ کين ڀٽي جي اصل مقصدن کان واقف ڪرڻ کان قاصر هئا پر سگهوئي هُن پنهنجي سنڌي دشمن قدمن سبب سنڌي رياست ۾ منفي حيثيت ماڻي ورتي. بهرحال 1979 ۾ فوج هٿان سندس ڦاسي ۽ فوج طرفان اقتدار تي قبضي ڪانپوءِ مهاجر سياست جي اُڀرڻ ڪيس سنڌيل لاءِ هيرو ۽ شهيد بڻائي ڇڏيو. هڪيرو ڀيرو، ساک وڃايل پيپلز پارٽيءَ جوڳي تعداد ۾

قومپرست سياسي ڪارڪنن جي پٺڀرائي حاصل ڪري ورتي. سنڌي نوجوانن آزاد سنڌوديش قائم ڪرڻ واري مقصد کي وساري پنهنجي سموري سگهه 1983 واري جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ ۾ لڳائي ڇڏي جيڪا پيپلز پارٽيءَ پنهنجي اتحادين سان گڏجي شروع ڪئي هئي. جيتوڻيڪ جي ايم سيد انتهائي جذباتي صورتحال ۾ سنڌي نوجوانن کي سنڌن ڇڙواڳ ڪوشش جي منفي نتيجن کان هوشيار ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پر منجهائن ڪيترائي سندس عقل ڀري ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هئا. جي ايم سيد جي قومپرست سياست 1980 ۽ 1990 وارن ڏهاڪن دوران غير متوقع طور تي پاڇوٽي رهي. سنڌي قومي جدوجهد لاءِ هاڃهه ليکجي ته هندستان ۾ بينڪيتي راج جي هڪ آزمايل وفادار جو پٽ ۽ پاڪستان ۾ فوجي اسٽيبلشمنٽ جو هڪ چاڙتو سنڌي قومي جدوجهد کي وڏو شاهي ڌڪ هڻي ويو جيڪا اڃان تائين پٺي جي طرفان جي لپيٽ ۾ آيل آهي.

پيلجو : ترقي پسند پوشاڪ ۾ دولاب ڏينڊڙ

1970 واري ڏهاڪي ۾ جڏهن سنڌي قومي جدوجهد ۾ پٺي جي اثرن وڳهي ڏار پئجي رهيا هئا. عوامي تحريڪ جي رسول بخش پليجو جي صورت ۾ هڪ ٻيو طوفان سنڌي قومي قوتن ۾ هڪ زوردار ڏڏڪي طور سامهون آيو. جهڙي ريت پويان بحث هيٺ آندو ويو آهي ته عوامي تحريڪ سنڌي نوجوانن ۾ نظرياتي مونجهارا پئدا ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي. پليجو ۽ سندس پارٽي رياستي سگهه جي مزاحمت ڪرڻ جي نقصانات جو پرچار ڪرڻ ۾ رڌل رهيا. هن رياستي اسٽيبلشمنٽ کي وٿي ڏيڻ جي ٿي ڳالهه ڪئي. پاڪستان جي وفاق ۾ گنجائش جي نالي تي، اصل مقصد هڪ خودمختيار سنڌوديش لاءِ سنڌي اُڌمن کي جهيٽو ڪرڻ هو. هڪ سنڌي دانشور جو طنز طور چوڻ هو ته پٺي جي



پيپلز پارٽي ۽ پليجي جي عوامي تحريڪ سنڌين تي ڌڪار آهن، شايد اسانجي هاٺوڪي نسل کي اها پنهنجي اڳوٽي نسلن جي ڪيل ڪرتوتن جي قيمت طور پلئه پيل آهن. جيتوڻيڪ شروعاتي طور تي پيپلز پارٽي ۽ عوامي تحريڪ سنڌي نوجوانن ۾ وڏي پئماني تي مونجهارا پيدا ڪرڻ جو سبب بڻيون پر هاڻوڪن سالن ۾ اهي رياستي اسٽيبلشمنٽ جي چيلي طور وائکيون ٿي چڪيون آهن.

سنڌي معاشري ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ
جي ڳجهه ڳوهه ۾ داخلا

سنڌي قومي جدوجهد ان تصورتي آڌار تي رکي ته سنڌين جي هڪ ڌار ثقافتي، سماجي ۽ تاريخي سڃاڻپ آهي جيڪا مذهب جي بنياد تي هلندڙ پاڪستاني رياست جي بنياد پرست ورثاءُ ۽ مظالمي تي ٻڌل نظرين کان بنهه مختلف آهي. سنڌي قومپرست سياست سدائين سيڪولر ۽ جمهوري اصولن تحت رهي آهي. سماجي طور تي سنڌي پاڪستاني جنوني مذهبي ذهنيت جي ڀيٽ ۾ واضع طور تي لبرل ۽ سيڪولر ذهني لاڙي جا حامل رهيا آهن ۽ هنن ڪڏهن به مذهب کي سياسي مقصدن واسطي استعمال ناهي ڪيو. بهرحال بينڪيتي راج جي آخري سالن کان وٺي جڏهن پاڪستاني رياست جو منصوبو جوڙيو ويو ته بنگالين، سنڌين، بلوچن ۽ ٻين قومن جن کي پاڪستان ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو، جي قومي اُڌمن کي مڌو ڪرڻ لاءِ شعوري طور تي مذهب کي هڪ سياسي عنصر طور همٿايو ويو.

پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ رياستي بيانيي ۾ سنڌين کي هندومت جي اثر هيٺ ڄاڻايو ويو. دلچسپ ڳالهه اها ته ساڳي ڳالهه بنگالين بابت پڻ ڪئي وئي. ڪين ”اڌڄاڻائي“ جي اونداهيءَ مان ڪڍي ”حقيقي مسلمان“ بڻائڻ وارو مقدس مقصد

پاڪستان جي رياست جو اهم فريضو بڻجي ويو. رياستي اسٽيبلشمينٽ مختلف قومي وجودن جي محڪوميءَ جو مذهب جي نالي ۾ جواز ٿي فراهم ڪيو ڇاڪاڻ جو هنن اسلام کي ايڪتا جو واحد ذريعو ٿي ليکيو ۽ ان ڏس ۾ سيڪيولر سياستدانن جو اثر رسوخ گهٽائڻ لاءِ مذهبي عنصرن کي همٿائڻ رياست جي اعلانيل پاليسي بڻي. ڪيترائي انتهاپسند مذهبي گروهه جوڙيا ويا. سياسي يا انتهاپسند اسلام کي سيڪيولر سنڌي سياسي پارٽين جي اثر هيٺ قومي مزاحمت کي مڌو ڪرڻ واري مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ قدامت پرست قوت طور استعمال ڪيو ويو. انهيءَ حڪمت عمليءَ تحت، ملان سياسي ۽ سماجي ٻنهي حوالن سان سنڌي معاشري ۾ جيئن پوءِ تيئن اهميت پريو ٿي ويو. همعصر سنڌ ۾ بنيادي طور تي هڪ سيڪولر معاشري ۾ انتهاپسند اسلام جو وڌندڙ خول ۽ اسلامي فرقيوار گروهن جي ٻي روڪ واڌ ويجهه سنڌي قومي مزاحمت لاءِ انتهائي ڳڻتيءَ جو سبب بڻيل آهن.

سياسي اسلام، پاڪستان ٺهڻ کان وٺي، سرڪاري عقيدي جو اڻ ٽٽ حصو پئي رهيو آهي. بنيادي طور تي، اهو پاڪستان ٺهڻ جو جواز طور هو ۽ اڳتي هلي انجو سبب انهي گهڻ قومي انداز جي هڪ متبادل طور رياست لاءِ هڪ گڏيل مسلمان سڃاڻپ گهڙڻ هو. سياسي وهنوار طور مذهب کي اسٽيبلشمنٽ طرفان مصنوعي طور تي تخليق ڪيل رياست کي برقرار رکڻ وارين پنهنجين ڪوششن واسطي پڻ ضروري سمجهيو ويو. فوجي اسٽيبلشمنٽ گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن دوران سنڌي نوجوانن کي قومپرست سياست کان ٽيڙڻ ۽ افغانستان ۽ ڀارت ۾ تخريبي ڪارواين لاءِ جهادين کي ڀرتي ڪرڻ وارن پنهنجي ٻن مقصدن لاءِ وڏ کان وڏ مدرسا قائم ڪرڻ واري عمل کي همٿايو آهي. انهن رياستي پاليسن جي نتيجي ۾ مذهبي



بنياد پرستيءَ وڌڻ جو خدشو آهي، جنهن جو مشاهدو هاڻوڪي سنڌ جي روزمره واري زندگيءَ ۾ وڌندڙ فرقيواريت ۽ جنگجو لاڙن مان ڀلي ڀت ڪري سگهجي ٿو. رياستي اسٽيبلشمنٽ مختلف شهرن ۾ طالبان، القاعده، لشڪر جهنگوي، سپاهه صحابا پاڪستان، اماميا اسٽوڊنٽس آرگنائزيشن، سپاهه محمد، حرڪت المجاهدين ۽ حرڪت جهاد اسلامي جهڙين انتهاپسند تنظيمن جي موجودگيءَ لاءِ سهولتون پيدا ڪري رهي آهي. گذريل ڪجهه سالن دوران داغش جي موجودگيءَ بابت پڻ سڌ سماءُ جا ذريعا اطلاع ڏئي رهيا آهن.

رياست طرفان معاشري جو سيڪولر وهنوار ضربڻ وارو عمل قومپرستن لاءِ انتهائي ڳڻتيءَ جو معاملو آهي. ان مامري کي ويچار ڪندي سنڌي اڳواڻن مذهبي انتهاپسندي ۽ فرقيواريت جي پنهنجي اڀرڻ تي پنهنجي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو. هڪ اڳواڻ جو چوڻ هو ته سنڌي قومي مزاحمت سان لاڳاپيل ڪارڪنن ۽ تنظيمن جي ترجيح بڻجي وئي آهي ته معاشري جي ساک ۽ قومي آزاديءَ واري جدوجهد کي ناقابل تلافي هاڃو رسائڻ کان انهيءَ ڪجهه ڳوهه ۾ گهڙي آيل انهيءَ آفت کي پنهنجي پوري سگهه سان روڪين.

مهاجر مامرو

سنڌي قومي سڃاڻپ جي هڪ ڳنڀيرتا اها وصف آهي ته ڪير غير سنڌي يا غير مقامي، ڪيترن ئي ڏهاڪن کان سنڌي قومي جدوجهد انهيءَ مامري تي اٽڪيل رهي آهي. پر سنڌي قومپرستن طرفان ان سوال جو جواب انتهائي سولو پيش ڪيو ويو. هنن آڌو، جيڪي ماڻهو سنڌ کي پنهنجو ديس ٿا ليکين، سنڌيءَ کي پنهنجي ٻولي ٿا پائنين ۽ سنڌي سماجي ۽ ثقافتي روائتن کي پنهنجو ٿا سمجهن سي سنڌي آهن. تاريخي تناظر ۾ هڪ وسيع تر سنڌي قومي وجود ۾ مختلف پرتن ۽

گروهن جي ماڻهن کي جذب ڪرڻ واري روائت سبب ڪير سنڌي آهي وارو سوال ڪو وڏو مامرو نه هو. پر پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اهو سنڌي سياست تي لاڳارا ڏئي رهيو آهي. تاريخي عمل ۽ تناظر جنهن ۾ اتر هندستان کان مهاجر سنڌ آيا، مهاجر، سنڌي ورهاست واري هاٺوڪي مامري کي جنم ڏنو آهي. اهو مسئلو پيدا ڪيو ويو ڇاڪاڻ جو هو پناهگير واري حيثيت سان آيا پر رات پيٽ ۾ حاڪم بڻجي ويا. پنهنجي ميزبان قوم جي ثقافتي سڃاڻپ ۾ پنهنجو پاڻ کي شامل ڪرڻ ۾ رات، حڪمران اتحاد (جنهن جو هو پاڻ به حصو هئا) جي مدد سان هنن پنهنجي ٻولي ۽ سماجي ۽ ثقافتي روائتون سنڌين کي مڙهڻ شروع ڪيون. حڪمران اتحاد جي حصي طور هنن سنڌين کي اقتداري حلقن مان ترڻ لاءِ پنهنجون حرفتون استعمال ڪيون. هو سنڌ جي معاشري استحصال جو حصو بڻجي ويا ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو ته سنڌ ڏانهن پنهنجي وفاداريءَ جو ڪو اولرو به نه ڏيکاريائون. هنن ڪو اهڙو ماحول پيدا ئي نه ڪيو جنهن ۾ پناهگيرن ۽ مقامين وچ ۾ ڪي پائيپءَ وارا لڳ لاڳاپا جڙي سگهن.

پاڪستان جي ٺهڻ کان وٺي انتي راڄ ڪندڙ حڪمران اتحاد جي هڪ پاڳي طور مهاجرن کي اسٽيبلشمنٽ سنڌي قومي اُڌمن کي رد ڏيڻ واري حڪمت عمليءَ ۾ بچاءُ جي پهرين صف طور استعمال ڪندي پئي آئي آهي. سنڌ ۾ ٽانيڪو ٽيندڙ هندستان کان آيل اردو ڳالهائيندڙن پناهگير ئي اُهو واحد گروهه آهن جيڪي ستر سالن کان هن ڌرتيءَ تي موجودگيءَ جي باوجود اجان تائين سنڌي بڻجڻ کان انڪاري آهن. انجو سنڌ جي تاريخ ۾ ڪو مثال نتو ملي ڇاڪاڻ جو هتي ٽانيڪو ٽيندڙ اوپرا ماڻهو پنهنجي آمد جي ڪجهه ڏهاڪن اندر ئي پنهنجي اڳوڻي نسلي سڃاڻپ کي وسيع تر سنڌي قومي وجود ۾ ضم ڪندا رهيا آهن. ٻين پناهگير لڏ پلاڻ ڪري ايندڙن جي اُبتڙ اتر هندستان کان



ايندڙ هيءُ ماڻهو سنڌين جي رحمدلي ۽ پنهنجائپ جي موٽ ڏيڻ لاءِ تيار ناهن هو اڄ ڏينهن تائين ڪين اجهو ڏيندڙ ڌرتيءَ کي اوپري ڌرتي ليکي رهيا آهن. هنن لاءِ سنڌ جڻ ته ڪين مليل ڪو الاهي انعام آهي. بظاهر (1990) پروڙي ٿو ته پناهگير والار واري زهنيت سان آيا. هو ڪين احترام ۽ پنهنجائپ ڏيندي سندن خيال رکندڙ سنڌين کي ڪمتر ليکين ٿا ۽ سمجهن ٿا ته سندن اڙدو ٻولي ۽ ثقافت سنڌين جي ٻولي ۽ ثقافت کان برتر آهن. زيدي ( 1991) پروڙي ٿو ته اها ڪنهن شڪ شبهي کان مٿاهين حقيقت آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان سست پوءِ اڙدو ڳالهائيندڙ پناهگيرن جي پوڇاڙ سنڌ جي سماجي ۽ سياسي وهنوار کي مڪمل طور تي تبديل ڪري ڇڏيو. ٿورڙي وقت اندر، هو صوبي جي ڪامورا شاهي ۽ معيشت تي ڇائنجي ويا. ڪراچيءَ جي سنڌ کان عليحدگيءَ انهن پناهگيرن جي سگهه ۾ اجائين وڌيڪ اضافو ڪيو. جناح ۽ لياقت علي خان جي ڏينهن ڪانوٽي پاڪستان تي راڄ ڪندڙ اتحاد ۾ سڀ کان وڌيڪ چرب زبان ۽ هنرمند هئڻ ڪري هو هڪ ڏهاڪي تائين ملڪ ۾ اڻ للڪاريل اختيارن جا ڏٽي رهيا. ملڪ جي مالڪ طور ڪين ميزبان معاشري ۾ ضم ٿيڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي. هنن ته سنڌين سان ميل جول رکڻ کان ئي نابري واري جهڙي ريت سمورا فاتح يا حاڪم ڪندا پئي آيا. ڌرتيءَ سان ڪنهن به قسم جي اُڪير کان وانجهيل هئڻ ۽ سڃاڻپ جي گهوٽالي جو شڪار هئڻ ڪري هنن سڃاڻپ لاءِ وچ ايشيا ۽ وچ اوڀر ڏانهن ڏسڻ شروع ڪيو. سنڌ جي شهرن بدران هنن مڪي، مديني، بغداد، دمشق، شيراز، شهد، بخارا ۽ ثمرقند کي پنهنجو دل گهريو شهر تي بڻايو. مٿان وري 1980 واري ڏهاڪي کان، فوجي اسٽيبلشمنٽ جي آشيرواد سان مهاجر ان نظريئي وڏائڻ شروع ٿي ويا ته مهاجر هڪ ڌار قوم آهن ۽ ڪين هڪ ڌار صوبو هئڻ

گهرجي جيڪو سنڌ جا ڀاڱا ڪري ٽاهيو وڃي.

مهاجر مامرو سنڌي معاشري ۾ انتهائي ٽوڙ ڦوڙ ۽ ڏڦير جو سبب بڻيو آهي. خاص طور تي وڏن شهرن ۾ آباديءَ جو جوڳو حصو هئڻ ۽ اسٽيبلشمنٽ جي اشاري تي هلندي هو سنڌي قومي جدوجهد کي اڻ ميو نقصان رسائي رهيا آهن. جي ايم سيد سميت سنڌي قيادت طرفان هنن سان پنهنجائپ وارا ناتا جوڙڻ جون ڪوششون اسٽيبلشمنت ناڪام بڻائي ڇڏيون. ايم ڪيو ايم قيادت ڪيترن ئي مامرن تي انتهائي منفي موقف اختيار ڪيو جيڪي سنڌي قومپرستن لاءِ انتهائي اهم هئا جيتوڻيڪ هاڻوڪن سالن ۾ مهاجرن جي هڪ جوڳي تعداد کي پنهنجي منفي ورتاءُ جي سنگيني جو احساس ٿيڻ لڳو آهي ۽ هو سنڌ جي مفادن جي تحفظ لاءِ گڏيل حڪمت عملي يا عمل لاءِ وڌيڪ لچڪار بڻيا آهن پر مهاجر مامرو هڪ مستقل سوال آهي جنهن جي جواب لاءِ سنڌين ۽ اڙدو ڳالهائيندڙ مهاجر برابريءَ وچ ۾ ڇڪتاڻ جي خاتمي لاءِ جوڳي راهه ڳولهڻ واسطي ٻنهي پاسان ادراڪ، مستقل مزاجي ۽ اعليٰ ظرفيءَ جي مظاهري جي ضرورت آهي.

مزاحمتي تحريڪ ۾ لڪ ڇپ ۾ گهڙڻ

سنڌي قومي مزاحمت ۾ لڳي ائين ٿو ته رياست جي سڪيورٽي ايجنسين ڪاميابيءَ سان اندر گهڙي آيون آهن. جدوجهد ۾ شامل باشعور عنصر سمجهن ٿا ته مزاحمت ۾ معاملن جي هاڻوڪي ڇڙواڳ حالت جو سبب اهيئي ويريءَ جا گهڙي آيل ڇاڙتا آهن. اهي ڇاڙتا نه رڳو پارٽي ڪارڪن طور ڪم ڪن پر منجهائن ڪي ته قومي جدوجهد جي ڪجهه گروهن جا اڳواڻ پڻ ٿي ويا آهن. سنڌي سياست جا ڪيترائي مشاهدي ڪار سمجهن ٿا ته اهي ڀڙڪائيندڙ ڇاڙتا قومپرست ڪارڪنن کي وڏا نعرا ڏين ۽ قومي مزاحمت جو هڪ انتهائي



سخت نقطي نظر ٿا پيش ڪن. اهو انتها پسند موقف نه رڳو ايماندار ۽ جاکوڙي ڪارڪنن کي پڌرو ٿو ڪري پر ڳجهي ادارن کي مزاحمت تي پيشگي حملو ڪرڻ جو موقعو پڻ فراهم ٿو ڪري. ڪيترائي قومپرست اڳواڻ ان موقف جا آهن ته ايڪويهين صديءَ جي شروعات کان قومپرستن جي هڪ ڌڙي طرفان وڏا نعرا بلند ڪرڻ دراصل لڪ ڇپ ۾ گهڙي آيل ڇاڙتن طرفان قومپرست ڪارڪنن ۾ هٿياربند جن جو سرگرمين جو لاڙو تيار ڪرڻ واسطي هڪ سوچيل سمجهيل عمل هو. اهو انتهاپسند لاڙو قومي مزاحمت سان لاڳاپيل ڪجهه نوجوانن طرفان ٽڙ پکڙ پرتشدد ڪاروائين جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. جوڳي تيارين ۽ قومپرستن سياسي تحرڪ خلاف رياست جي رد عمل ۽ انجي مجموعي ڏاڍ ڏمر تي مناسب ريت ويچارڻ کانسواءِ جنگجو ڪاروائين مزاحمت کي سڪيورٽي ادارن جي حرفتن جو شڪار بڻائي ڇڏيو آهي. سڪيورٽي اسٽيبلشمنت نه رڳو جنگجو ڪارڪنن سان ڪڙڪي پر ان جي آڙ ۾ گڏريل ڍاڪن دوران سوين سياسي ڪارڪنن، دانشورن، ليکڪن ۽ مزاحمتي اڳواڻن کي پڻ ماري وڌائين. همعصر سنڌ ۾، حقيقي سنڌي قومپرست جماعتن ۽ تنظيمن لاءِ سياسي، سماجي ۽ ادبي سرگرميون جاري رکڻ ذري گهٽ ناممڪن امر بڻجي ويو آهي. سندن ٽيندڙ ڪنهن به سرگرميءَ کي سولائي سان پارٽي انٽيليجنس ايجنسين جي پٺڀرائي سان سرگرمي ليکيو ٿو وڃي ۽ پاڪستان دشمن ۽ اسلام دشمن هئڻ جو ٺپو لڳايو ٿو وڃي. پنهنجي صفن ۾ گهڙي آيل اسٽيبلشمنٽ جي ڇاڙتن جي سڃاڻپ ڪرڻ منجهائن جان ڇڏائڻ قومپرست قيادت آڏو حل ڪرڻ واسطي وڏا مامرا آهن.

ٻاهرين پٺڀرائي جي اڻهوند : پارٽي بيپرواهي

ڪنهن قومي آزاديءَ واري جدوجهد جي ڪاميابيءَ ۾

عالمي برادريءَ جو ڪردار انتهائي اهميت جوڳو هجي ٿو. قومي آزاديءَ جي جدوجهدن جي تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پئي آهي ته ڪهڙي ريت مختلف علائقائي ۽ عالمي طاقتن جا مفاد آزاديءَ واري گهرُ کي سوڀارو بڻائي سگهن ٿا. ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته خوداراديت وارو حق ماڻڻ جا امڪان نه رڳو بينڪيت بڻايل قوم واسطي هڪ ڏکهي قومي آزاديءَ جي جدوجهد جون حڪمت عمليون ۽ حرفتون اختيار ڪرڻ ئي هجن ٿا پر ان جو ڪنهن حد تائين انحصار عالمي پنيرائي تي پڻ هجي ٿو. بينڪيت جي تاريخ ۾، ڪنهن به سگهاري بينڪيتي طاقت کي ڪنهن ٻئي طاقت جي مدد ڪانسواءِ شڪست نه آئي آهي. چيني اڳواڻ مائوزي تنگ موجب اها خام خيالي آهي ته والار ڪندڙ طاقت کي ٻاهرين مدد ڪانسواءِ شڪست ڏيڻ ممڪن آهي (مائو 1949).

ٻاهرين پنيرائي حاصل ڪرڻ سنڌي مزاحمت جو هڪ مسئلو پئي رهيو آهي. همعصر هڪ قطبي دنيا ۾ ڪنهن بينڪيت بڻايل قوم جي ڀاڳ جو تعين ڪرڻ ۾ اولهنديون قومون يا سندن اتحادي بنيادي اهميت رکن ٿيون. بهرحال سڌريل دنيا پاڪستاني رياست جي سرپرستي ڪندي انکي بقا ڏيندي رهي آهي ڇاڪاڻ جو اها قائم ئي خطي ۾ اولهندي قومن جي مفادن جي تحفظ لاءِ ڪئي وئي هئي. جيتوڻيڪ اولهندي قومون سموري طاقت سان هاڻوڪن ڏهاڪن دوران وچ ايشيا ۾ سوويت يونين جي اڳوڻين رياستن، يوگو سلاويا جي رياستن، اوڀر تيمور ۽ ڏکڻ سوڊان جي آزاديءَ لاءِ سهولتڪاريءَ واسطي اڳڀريون پئي رهيون آهن. پر بدقسمتيءَ سان انهن ڪيترن ئي ٻين قومن ڏانهن اکيون ٻوٽي ڇڏيون آهن. لڳي ائين ٿو ته پاڪستان جهڙين ڏڦيري رياستن جي علائقائي سلامتي هنن واسطي متبرڪ بڻجي وئي آهي. اها غير منطقي ڳالهه ۽ سنڌس



طرفان انساني قدرن ۽ جمهوري اصولن جي پاسداريءَ وارين وڏين دعوائن جي بلڪل ابتڙ عمل آهي. ڪيترائي سياسي تجزئي نگار سمجهن ٿا ته هاڻوڪين حالتن ۾ آزاد سنڌوديش جو قيام ڪنهن به علائقائي يا عالمي طاقت جي ترجيح ناهي. ڪجهه تجزئي نگار سمجهن ٿا ته جيئن ته سنڌي خود اراديت وارو حق پاڪستان جو لازمي طور تي انت آڻيندو انڪري عالمي برادريءَ پنهنجي ڳڻتي تي رکي ته مذهبي رياست جي امڪاني ٽوڙ ڦوڙ سان، ان وٽ موجود وڏي پئماني تي نيوڪليائي هٿيارن سبب علائقائي ۽ عالمي سطح تي انتهائي اُگرن نتيجن واري صورتحال پيش اچي سگهي ٿي.

ڀارت واحد طاقت آهي جنهن مان سنڌي ڪنهن واهر جي اُميد رکي سگهن ٿا. هيل تائين ڪيترائي اندروني ۽ ٻاهريان عنصر سنڌين جي هڪ خودمختيار حيثيت ماڻڻ واري پتوڙ ۾ ڪو موافق ڪردار ادا ڪرڻ کان ڀارتين کي روڪيندا پئي آيا آهن. جڏهن ته ٻئي پاسي پاڪستاني اسٽيبلشمنٽ ڪيترن ئي موقعن تي سنڌي اُڏمن کي پرڪائڻ جو الزام ڀارت تي ڌاريندي رهي آهي. 1980 واري ڏهاڪي دوران، پاڪستان هر سنڌي قومپرستن ۽ الذوالفقار تي ڀارت کان مالي مدد ۽ فوجي تربيت حاصل ڪرڻ جو الزام هڻندو رهيو آهي. مئي 1990 ۾ بينظير ڀٽو پاڪستان جي وزيراعظم طور ڀارت تي پنهنجي اندروني بدانتظامين تان ڌيان هٽرائڻ لاءِ پاڪستان کي غير مستحڪم ڪرڻ جو الزام ڌريو. ٻيهر 1995 ۾ ٻيو ڀيرو وزيراعظم بڻجڻ ڪانپوءِ هُن ڀارت تي پاڪستان ۾ وڳوڙ پکيڙڻ جو الزام ڌريو. 1998 ۾ پاڪستان ڀارت تي راجستان، دهلي، پنجاب مڌيا پرديش، مهاراشٽريا، ڪرناٽڪ ۽ ڪشمير ۾ پاڪستان مخالف جنگجوئن کي تربيت ڏيڻ جا چاليهه ڪئمپ ڪرڻ جو الزام هنيو ۽ سڌ سماءُ واري وزير مشاهد حسين سيد جو چوڻ هو ته

پاڪستان ۾ دهشتگرد ڪاروايون پارت طرفان پنهنجي شهرين جو ڌيان سياسي عدم استحڪام تان ٽيڙڻ ۽ پاڪستان ۾ دٻ ڏاءُ واري صورتحال پئدا ڪري انکي غير مستحڪم ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي.

ڪيترائي سنڌي قومپرست پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هندستان لڏي ويا جن ۾ ايل ڪي آڏواڻي ۽ ٻيون ڪيتريون سياسي شخصيتون پڻ شامل هيون. هو پارتي سياست ۾ انتهائي بااثر بڻيا ۽ مختلف حڪومتن ۽ سياسي پارٽين ۾ وڏا عهدا ماڻيائون. انگريزن خلاف آزاديءَ جي جدوجهد دوران، راشٽريا ميوڪ سنگهه (آر ايس ايس) جيڪا پارتيه جنتا پارٽي (بي جي پي) جو اهم جزو آهي.، جا ڪيترائي اڳواڻ سنڌ واسي هئا. بهرحال پارتي سياسي پارٽين ۽ اسٽيبلشمنٽ سنڌي قومي سوال تي ڪڏهن به جوڳو ڌيان نه ڏريو آهي. جيتوڻيڪ، اندرا گانڌيءَ ورلڊ سنڌي ڪانفرنس جي نئين دهليءَ ۾ ٿيل ويهڪ ۾ شرڪت ته ڪئي پر هُن سنڌين جي آئيني حقن جي بحاليءَ جي ئي گهرُ ڪئي. ڪيترن آڏو پارتي رياست جي ڪابه سڌي پاليسي ناهي. جيڪڏهن ڪنهن ريت سنڌ پارتين جي بحث هيٺ اچي ٿي ته رڳو ان حوالي سان ته سنڌي فوجي سوال کي ڪشمير ۾ پاڪستاني اڳرائي جي رد ڏيڻ واسطي کهڙي ريت پنهنجي حڪمت عمليءَ جو حصو بڻائي سگهجي ٿو. 1987 ۾ جي ايم سيد سان پنهنجي ملاقات ۾، پارتي وزيراعظم آزاد سنڌوديش جي گهر جي پنيرائي ڪرڻ کان نه پهه نابري واري ۽ نه ئي وري ڪو سنڌي قومي جدوجهد لاءِ ڪنهن قسم جي مالي مدد جي خاطري ڪرايائين.

پارت ايڪويهين صديءَ ۾ عالمي معاشي ٻاڙائي جي باوجود پنهنجي سگهاري معاشي واڌ ويجهه برقرار رکي آهي. توانائي جي کوٽ جو شڪار پارت پنهنجي صنعتي ۽ گهريلو



ضرورتن جي پورائي لاءِ توانائي جي پيچين جي ڳولا ۾ آهي. پارت لاءِ توانائي وارن وسيلن جو مناسب ترين هنڌ وچ ايشيا آهي ۽ پاڪستان جي هڪ دشمن خطي طور پارت ڏانهن تيل ۽ گئس جي منتقليءَ ۾ واحد رڪاوٽ آهي. پارتي اسٽيبلشمنٽ جو هڪ حصو سمجهي ٿو ته ڏکيائي ۽ عدم استحڪام ۾ ورتل جي پيٽ ۾ هڪ فرمانبردار پر هڪ وجود ۾ جڙيل پاڪستان سنڌن لاءِ وڏيڪ ڪاراتو ٿيندو. اهو پاڳو سنڌي ۽ بلوچ قومپرستن ڏانهن ڪنهن سڌ پري مدد جو شديد مخالف آهي. سنڌي قومپرست پارٽي ڪردار کي بچان وٽان ڏسي رهيا آهن. ڪيترن ئي پارتي سياستدانن جي هوائي ڳالهين جي باوجود ته سنڌ هنن لاءِ انتهائي اهم آهي، پارتي رياست پنهنجي معاشي واڌ ويجهه واري هدف تحت سنڌين جي پيڙائن تي نيو ڪليائي طاقت رکندڙ پاڪستان سان ڪنهن سڌي سنئين ٽڪراءُ کي ٽاريندي پئي آئي آهي.

عمومي طور تي عالمي برادري بعداز بيٺڪيتي دور جي قومي تڪرارن ۾ ڪنهن رياست جي قيام لاءِ پنهنجي پٺڀرائي ظاهر ڪرڻ کان اڳ ڪجهه عنصرن کي آڏو رکندي آهي. انهن ۾ آيا اِها آزاد رياست طور عالمي دنيا ۾ بقا جوڳي آهي، رياست کي هلائڻ ۽ بقا لاءِ کهڙي رٿابندي ڪئي وئي آهي ۽ قومپرست جماعتون ۽ سنڌن حمائتي نه رڳو پنهنجي آباديءَ جي سماجي ۽ سياسي حقن جي تحفظ واري انتهائي ڳنڀير ذميواري تي علائقائي ۽ عالمي مفاد رکندڙ گروهن جي مفادن ۽ اڏمن جي تحفظ لاءِ ڪيتري حد تائين تياري ڪيل آهن. ان ڏس ۾ هو وسيلن جي واڌ ويجهه لاءِ موجود صلاحيتن، جوڳي معاشي منصوبن سماجي، دانش مند ۽ انساني سرمائي، اهل قيادت ۽ ڪارائتي ادارتي ڍانچي کي مد نظر رکن ٿا. بدقسمتيءَ سان هيل تائين عالمي برادريءَ جي ڪنهن به حصي مان سنڌي قومي

جدوجهد ڏانهن واهر وارو هٿ نه وڌايو ويو آهي. پاڪستان سنڌي قومي مزاحمت کي ڪجهه ڪل ٽڙيل نوجوانن جي ڪم طور پيش ڪرڻ ۾ رڌل آهي. رياست طرفان اها پروپيگنڊا ڪئي وئي آهي ته ادراڪ رکندڙ قيادت جي غير موجودگيءَ ۾ ۽ انيڪ قومپرست جماعتن جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي ماڻهن جي مفادن ۽ علائقائي ۽ عالمي طاقتن جي علائقائي سلامتي ۽ معاشي مفادن جي تحفظ طور آزاد سنڌوديش اڻٿيڻي ڳالهه آهي. سنڌي قومي مزاحمت کي ان تاثر کي زائل ڪرڻو پوندو.

ٽڙيل پکڙيل سنڌي هندو : وڃايل نسل

سباش چندر بوس ۽ مهاتما گانڌي ٻنهي سنڌين کي عالمي شهري ليکيو ڇاڪاڻ جو هو دنيا جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٽانيڪو آهن. بهرحال، لڳي ائين ٿو ته عالمي شهري پنهنجو بڻ بنياد وساري رهيا آهن ۽ پنهنجي اباڻي ڏيهه سان ٿيندڙ وارتائن کان لاتعلق بڻجي ويا آهن.

پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سنڌي هندن جي هڪ جوڳي ڳاڻيٽي سنڌ کان لڏ پلاڻ ڪئي. هو دهلي، هانگ ڪانگ، لنڊن، نيويارڪ ۽ دنيا جي ٻين وڏن شهرن ۾ ٽڙي پکڙجي ويا. ڏيهه نيڪاليءَ واري انهيءَ سموري عرصي دوران هو ڌار ڌار جاين تي رهندا پئي آيا آهن. ايستائين جو ڀارت ۾ پڻ هو مختلف شهرن ۾ ٽانيڪو آهن. وڏي پيماني تي لڏ پلاڻ واري تاريخ ۾ جڏهن ماڻهو لڏپلاڻ تي مجبور ڪيا پئي ويا آهن ۽ پنهنجي ملڪن کان ڀاڄ ڪاڏي اٿن ته هو گڏجي سڏجي رهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهو پنهنجي سڃاڻپ، ٻولي ۽ روائتن کي برقرار رکڻ لاءِ ضروري هو. اهو پروڙي سگهجي ٿو ته جڏهن يروشلم جي پوري يهودي آباديءَ کي بابل ڏانهن تڙيو ويو ته هنن نه رڳو پنهنجا ثقافتي ۽ ڏند ڪٿائي عقيدا برقرار رکيا پر وچ اوڀر جي تاريخ کي پڻ يهودي پيش منظر ۾ پيش ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿيا جيڪو اڳتي هلي سندن



مقدس ڪتاب ۾ قومي سڃاڻپ جي علامت بڻيو. لکڻي جيڪا اڄ جي پراڻي عهدنامي طور مقدس ڪتاب بڻيل آهي. سا بابل ۾ يهودي جلاوطنن جي لکيل آهي. آساري سلطنت جي زوال ۽ اڃائمينڊ جي طاقت ۾ اچڻ سان تبديل ٿيل صورتحال ۾ يهودي پنهنجي ٻولي، تاريخي داستان، ڏند ڪٿائي عقيدن، سماجي ۽ ثقافتي روائتن ۽ هڪ مقدس ڪتاب سوڌو موٽي آيا.

سنڌين جي معاملي ۾ ائين ناهي. پاڪستان ٺهڻ جي نتيجي ۾ لڏپلاڻ ڪندڙن مان وڏي اڪثريت جو تعلق واپار وڻج ڪندڙ طبقي سان آهي. مالي طور تي بهتر حيثيت ۾ هئڻ ڪري، پرڏيهي ڌرتيءَ تي هوندي هنن پنهنجي لاءِ اُهي ملڪ ۽ خطا چونڊيا جتي پنهنجون ڪاروباري سرگرميون شروع ڪري سگهن يا جتي ڪين واپار وڻج جا وڌيڪ بهتر موقعا ملي سگهن. جيتوڻيڪ هو پاڪستان جي شروعاتي ڏهاڪن دوران ڪنهن نه ڪنهن ريت سنڌ ۾ ٿيندڙ مامرن سان تعلق ۾ رهيا پر وقت گذرڻ سان اهو سندن لاءِ ممڪن نه رهيو ۽ سنڌين جي اڪثريت پنهنجي اختيار ڪيل معاشرن ۾ ضم ٿي وئي. ستر سالن جي ڏيهه نيڪاليءَ ڪانپوءِ ايڪويهين صديءَ جي تارڪين وطن سنڌين لاءِ ماتر ڀومي هڪ اڇاترو تصور ئي رهجي ويو آهي ۽ سوبه ڌرتي، ٻولي ۽ روائتن سان ڪنهن جذباتي وابستگيءَ ڪانسواءِ جيڪي سندن ذاتي ۽ قومي سڃاڻپ جوڙين ٿيون. ڀارت لڏ پلاڻ ڪيل سنڌي سياست ۽ واپار وڻج ۾ انتهائي اهم بڻيل آهي. هو ڀارت ۽ پرڏيهه ۾ سنڌ جو ڪيس پيش ڪرڻ جي حيثيت ۾ هئا. اهو ٿيو ڪونه ۽ سڪئي ستابن تارڪين وطن سنڌين طرفان همعصر سنڌي قومي جدوجهد ۾ ڪو ظاهر ظهور عملي يا مالي جوڳي حصيداري نه ٿي سگهي.

ڪيترائي تجزئي ڪار سمجهن ٿا ته تارڪين وطن سنڌين جو پنهنجي ماتر ڀوميءَ ڏانهن اهو ورتاءُ سندن بزرگن

ڪان ٻئي ۽ ٽين نسل تائين منتقل ٿيل سنڌي جي تلخ ساروڻين سبب آهي. اهي اُن ديس جون ساروڻيون آهن جتي ساڻن مسلمان حڪمران عمومي طور تي ۽ مسلم آباديءَ جي هڪ حصي خاص طور تي اڻڱو ورتاءُ اختيار ڪيو. انهن بزرگن طرفان آل اولاد آڏو پنهنجي لڏپلاڻ جو جواز پيش ڪندي پيش آيل ورتائن ۾ وڌاءُ هڪ فطري ڳالهه آهي. مٿ پيدوارن داستانن سنڌي قومپرستن طرفان تارڪين وطن سنڌين جي ٻين ۽ ٽين نسل سان رابطو ڪرڻ ۾ انيڪ ڏکيائيون آنديون ۽ ان ريت هو ڪين سنڌي قومي مزاحمت جو حصو بنائڻ ۾ ناڪام رهيا آهن. بهرصورت تارڪين وطن سنڌين جي ڪن ٽار جو وڏو سبب ڪنهن بامعنيٰ ڏي وٺ جي اڻهوند ۽ پاڪستان ۾ سنڌي قومپرستن جي اڏار تي ڪنهن جوڳي حڪمت عمليءَ ۽ ڪين سنڌي قومي جدوجهد جي مالڪي ڪرڻ واسطي همٿائڻ يا متوجهه ڪرڻ جي اڻهوند آهي.

### هٿياربند مزاحمت جو مامرو

گذريل ستر سالن جي ڏاڍ ڏمر خلاف سنڌين جي من ۾ ويڳاڻپ جو هڪ اڻٽٽ احساس پئدا ٿي ويو آهي. ڪين قومي توهين کان گهڻو ڪجهه وڌيڪ پوڄيو آهي. ڪين ملڪي دولت ۾ پنهنجي جائز حصي کان محروم رکيو ويو آهي، سندن هنر کي نپوڙيو ويو آهي ۽ غربت ۽ بدحالي سندن روزمره جو ڀاڱ بڻجي ويون آهن. هو سمجهن ٿا ته سندن قومي سڃاڻپ اڄ ماضيءَ جي پيٽ ۾ وڌيڪ جوکم جو شڪار آهي. سندن اڳواڻن طرفان جمهوري انداز ۾ پيش ڪيل سندن حقيقي گهرون رد ٿيڻ واري ڊگهي تاريخ سبب ڪنهن پرامن سياسي مزاحمت اعتماد ڏُڏي ويل آهي. روائتي پرامن طريقن سان قومي نجات حاصل ڪرڻ جي امڪانن بابت سنڌي قومپرستن جو هڪ جوڳو حصو ٻڏتر جو شڪار آهي. ڪين پختو ويساهه آهي ته پاڪستان جي انتهائي



حرفت پري سڪيورٽي رياست ۾ ڪا پرامن تحريڪ عوامي تحريڪ واري پروگرام ۾ هر حد کان اڳتي ڪاميابي ماڻي به سگهي ٿي سو انتهائي شڪ پريو مامرو آهي، جنهن لاءِ عمل جي هڪ نئين انداز جي ضرورت هوندي. سنڌي قومپرستن جو اهو ڀاڱو ڏاڍو ڏمرجي چرخي جو انت آڻڻ لاءِ طاقت ذريعي مزاحمت کي ئي واحد جوڳو دڳ ٿو ليکي، ان اڳيئي قومپرست ڌرين ۾ ڏار وجهي ڇڏيا آهن. ڇاڪاڻ جو ڪجهه قومپرست سمجهن ٿا ته هٿياربند مزاحمت وارو مامرو ۽ انجي گنجائش لازمي طور تي بحث هيٺ اچڻ گهرجن، جنهن دوران معروضي صورتحال کي آڏو رکندي انجي مجموعي سنڌي قومي جدوجهد تي پوندڙ مثبت ۽ منفي پهلو ويچار هيٺ آندا وڃن.

اها تاريخي حقيقت آهي ته ڪنهن قوم جي آزادي لاءِ هٿياربند جدوجهد واسطي رڳو جذبو ئي گهربل نه هوندو آهي. هٿياربند جدوجهد جنگجو سگهه سان ٿيندڙ هڪ سياسي جدوجهد آهي. روائتي بيٺڪيتي صورتحال ۾، اها فقط اوڏي مهل ئي عمل جوڳي ٿي بڻجي جڏهن ان ۾ شامل سمورا واسطيدار هٿياربند مزاحمت لاءِ انتهائي قربانيون آڇڻ لاءِ تيار هجن. ڪنهن هٿياربند مزاحمت جي بنيادي لازمي شرطن ۾ مزاحمت جي مجموعي وهنوار رٿابندي ۽ تيارن جي اينگهائيندڙ عمل واسطي تجربو صلاحيت واريون ٻئي صفتون رکندڙ قيادت جي موجودگي ۽ عالمي، علائقائي ڪيتر ۾ موافق حالتن جي موجودگي شامل آهن. سڀ کان وڌيڪ ليکڻ جوڳو مامرو ڪنهن هٿياربند مزاحمت کي برقرار رکڻ آهي. هڪ پاسي هٿياربند جدوجهد جا مخالف سمجهن ٿا ته ٻاهرين پٺڀرائيءَ کانسواءِ اها برقرار رهي نه سگهندي ۽ عميق تفصيل جوڙڻ کانسواءِ اها قومي ڪاز واسطي هاڃيڪار ٿيندي ۽ جوڳي تيارين کانسواءِ اها سندن قومي مزاحمت لاءِ آپگهات بڻبي. هو

سمجهن ٽا ته ڪنهن به قسم جو جنگجو اچوڪي عالمي سياسي وهنوار ۾ قبول نٿو ڪيو وڃي. بئي پاسي هٿياربند مزاحمت جا حمائتي پنهنجا دليل ٽا رکن. هڪ مرڪزي قومپرست جماعت جو هڪ اڳواڻ زور ڏٿو پري ته اسانجي ماڻهن جي عزت، احترام ۽ تعظيم واسطي جدوجهد ضروري آهي ۽ اسانجي ماڻهن ڪي لازمي طور تي اها ڪرڻ گهرجي پوءِ پل انجي ڪجهه به قيمت ڏيڻي پوي. هو زور ڏٿو ڏئي ته تاريخ ثابت ڪيو آهي ته قومي وقار حاصل ڪرڻ جي جدوجد ڏکهي ۽ تڪائيندڙ هجي ٿي ۽ ان ۾ انسانن جو اڻ مريو نقصان ٿئي ٿو ۽ اسانجا ماڻهو ان لاءِ تيار آهن. هو پر اُميد هو ته سندس ماڻهن قومن جي برادريءَ ۾ پنهنجي حقي حيثيت حاصل ڪرڻ لاءِ هر طريقي سان پتوڙڻ ۾ پنهنجي همت جو پرپور مظاهرو ڪيو آهي. هڪ بئي اڳواڻ زور پريو ته پنهنجي قدرن ۽ روائتن سان عزت پرئي انداز ۾ گهارڻ جا آدرش ويڙهاند لائق ۽ هڪ آزاد ۽ تعظيم پري زندگي واري ڏکهي عرصي کان من ۾ سانديل سيني جي سايپان لاءِ سنڌين جي هر ڪيتر ۾ تحرڪ وقت جي ضرورت آهي.

جيتوڻيڪ ايڪويهين صديءَ جي شروعات کان سنڌ ۾ هٿياربند ڪاروائن جا ٽڙيڙ واقعا ٿيندا پيا اچن، مختلف قومپرست گروهن ۾ هڪ مڪمل هٿياربند مزاحمت واري مامري تي چٽو بحث هلندڙ آهي. ان ڏس ۾ حتمي نتيجو ڪجهه به سامهون اچي پر اهو سنڌ ۾ موجود دارصل حاصلن ۾ نظرئي ۽ طريقيڪار ڪي پلي پٽ سمجهڻ ۽ لاڳو ڪرڻ جو متقافي آهي. اهو اهڙي ڪنهن تلخ، رتوچاڻ پري ۽ ڏکهي جدوجهد ۾ ايندڙ رڪاوٽن جي هڪ عقل پري ڪٿ ڪرڻ جو پڻ گهرجائو هوندو.

ڪيترائي اڻ نبريل مامرا ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي



قومي مزاحمت جي ڳنڀيرتا وڌائڻ جو سبب بڻيا آهن. سنڌي قومي مزاحمت ڪي درپيش مسئلن ۾ هٿياربند مزاحمت وارو مامرو جي ايم سيد جي وفات ڪانپوءِ لاڳيتو گرما گرم بحث جو ڪيتر بڻيل آهي. ڪيترن ئي قومپرستن آڌو رياست بالادستي ۽ ثقافتي ۽ معاشي استحصال جي مخالفت جي سمورن قانوني رستن ڪي سنڌين واسطي بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ سنڌي ان هنڌ تي پهچي ويا آهن جو وٽن مستقل بنيادن ڪي محڪومي قبولڻ يا هٿياربند مزاحمت جي باقي بچيل متبادل ذريعي رياست سان مهاڏو اٽڪائڻ ڪانسواءِ ڪو ٻيو چارو باقي نه بچيو آهي. بهرحال، ٻين ڪيترن واسطي اهو آپگهات ٿيندو. مامري تي سنڌي قومي جدوجهد جي مختلف پاڳن طرفان اختيار ڪيل مختلف موقفن سبب هٿياربند مزاحمت علمي ۽ سياسي بحث جو موضوع بڻيل رهندي. تارڪين وطن سنڌين جي سنڌوديش لاءِ جدوجهد ۾ شرڪت نه هئڻ جوڳي آهي ۽ مزاحمت جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن لاءِ مايوسي جو سبب بڻيل آهي. سنڌين ۾ مايوسيءَ جو هڪ وڌندڙ عنصر ٻاهرين پنپرائي خاص طور تي پارت طرفان سندن جدوجهد جي حمايت جي اڻهوند آهي. سنڌي قومي مزاحمت قومپرست جماعتن ۾ ويرين جي چاڙتن جي گهڙي اچڻ واري مسئلي ڪي پڻ منهن ڏئي رهي آهي. انهن چاڙتن ۽ سازباز ڪندڙن جي سرگرمين مزاحمت ڪي جوڳي حد تائين ڪمزورڪيو آهي. سنڌ ۾ مهاجر مامرو انوکو آهي. اهو دنيا جي سياسي تاريخ ۾ واحد موقعو آهي جڏهن هڪ پناهگير برادري ملڪ جي حاڪم بڻجي وئي. پاڪستان جي حڪمران اتحاد جي پيڇيءَ طور مهاجرن ڪي وسيع تر سنڌي معاشري ۾ ضم ٿيڻ جي ضرورت محسوس نٿي ٿئي، انجي بدران هو پنهنجي لاءِ هڪ ڌار جاگرافيائي خطو حاصل ڪرڻ واسطي سنڌ جو ورهاڱو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. رياستي ترڪنال ۽

تعليمي نصاب ۾ تصوراتي اسلامي عالمي پيش منظر جي شموليت سان مذهبي جنگجو پئي جو هڪ انتهائي غير سنڌي وهنوار وچولي طبقي ۾ اُيرندي پروڙي سگهجي ٿو. مهاجر مامرو ۽ مذهبي انتهاپسندي ۽ فرقيواريت جي هاڻوڪن ڏينهن ۾ اُٿڻ هم آهنگي واري سنڌي معاشري ۽ انجي قومي مزاحمت جي آئيندي لاءِ هڪ وڌندڙ خطرو آهي جيڪو هاشمي ۽ بنو اُميه گهراڻن وچ ۾ رتوڇاڻ پرئي ٽڪراءُ ۾ بڻ بڻياد رکي ٿو. سگهوئي وچ اوڀر ۽ وچ ايشيا ۾ مختلف طاقتور گهراڻن پنهنجو اقتدار برقرار رکڻ يا نون علائقن کي قبضو ڪرڻ لاءِ صوفي مت سياسي اوزار بڻي. رياست سنڌي قومي اُڏمن کي رد ڏيڻ لاءِ نه رڳو پيرن ۽ صوفين جو خدمتون ڪتب آنديون پر سنڌي قومي جدوجهد کي مڏو ڪرڻ لاءِ شخصيتون ۽ سياسي پارٽيون به تيار ڪيائين. پيپلز پارٽيءَ ۽ عوامي تحريڪ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين سنڌي ڪاز کي اڻ مڃيو نقصان رسايو آهي. فوجي آزاديءَ جي جدوجهد ڪمزورن طرفان سگهارن تي سوپ لاءِ هجي ٿي. اهو انتهائي ضروري آهي ته ڪنهن انتهائي منظم جماعت يا سمورين قومپرستن قوتن جي گڏيل محاذ تحت سگهاري نظرئي هيٺ اها ويڙهه وڙهجي. جيڪڏهن پاليسي ماڻهن جي درست حالتن ۽ دشمن جي صحيح ادراڪ  واري هوندي ته عمل جوڳي ٿي سگهي ٿي. اهڙي تنظيم ۽ واضع مقصدن ۽ حدفن جي اڻ موجودگي سنڌي قومي جدوجهد راهه ڪوڙي ڪندي.

# باب پندرهون



## سنڌو ديش جا امڪان

جيستائين سنڌين وٽ وڃايل خودمختياري ٻيهر حاصل ڪرڻ جي خواهش موجود آهي، تيستائين اسانجي ساٿين جا حوصلا بلند آهن، جيستائين اسانجا نوجوان قربانيءَ لاءِ تيار آهن، اسين پنهنجي جدوجهد جاري رکنداسين، اسين پنهنجي سيڪولر معاشري ۾ مذهبي بنياد پرستيءَ کي وڌڻ ويجهڻ جي اجازت نٿا ڏئي سگهون ۽ نه ئي وري محڪومي ۽ اڻ مڃڻ جي ڪنهن سوچ کي ان بنياد تي پکڙجڻ جي اجازت ڏئي ٿا سگهون ته دشمن وٽ اڻ مپي طاقت آهي. بشير قريشي (سنڌي اڳواڻ جنهن کي 2012 ۾ قتل ڪيو ويو).

عظيم الشان قربانيون آچيندي مختلف قومپرست جماعتن ۽ اڳواڻن جي جوڙيل حڪمت عملين کي موٽ ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار سنڌي قوم جدوجهد جو اثاثو آهي. هاڻوڪن سالن دوران ڪيترين ئي اندروني ۽ ٻاهريون پيش رفتون سنڌي قومپرستن کي پنهنجي مقصدن جي حاصلات واسطي وڌيڪ پر اميد بڻائي رهيون آهن. بلوچ قومي جدوجهد ۽ سنڌي قومي مزاحمت وچ ۾ امڪاني ويجهو ڳانڍاپو، پاڻ ارپيندڙ ۽ بي خوف تارڪين وطن سنڌين جي هڪ ڀاڱي طرفان سگهاري ڪوشش جي موجودگي، پاڪستاني رياست جو ڏيوالپڻو سوويت يونين جي خاتمي ڪانپوءِ عالمي صورتحال ۾ ڊرامائي تبديليون، عالمي دهشتگرديءَ جو وڌندڙ وهنوار ۽ پاڪستاني رياست طرفان مذهبي انتهاپسندي ۽ بنياد پرستي کي همٿائڻ ۽ پٺڀرائي ڪرڻ سنڌي قومي جدوجهد لاءِ موافق علامتون ليکجن ٿيون.

### سنڌي ماڻهن جي خواهش ۽ پختو پهه

ڪنهن قومي مزاحمت جي ڪاميابيءَ لاءِ عوام جو پختو پهه لازمي هجي ٿو. تاريخي طور تي سنڌين جي هڪ قومي صفت ڌارين بالادستيءَ مان جان ڇڏرائڻ واري سندن سنڌ آهي. شاندار ماضيءَ ۽ ڪيترين ئي صدين تائين محڪومي ۽ ڏاڍ

ڏمر پوکڻ جي پيڙائتي تاريخ منجهان قومي فخر جو احساس پيدا ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان ۾ سنڌي قومي جدوجد جو ابو جي ايم سيد پنهنجي ماڻهن جي آزاديءَ لاءِ اُڪير ڪي غداريءَ جي الزامن هيٺ مٿس هلندڙ ڪيس دوران ڪورٽ آڏو پنهنجي بيان ۾ ڪجهه هن ريت ٿو بيان ڪري:

”هت اهو عرض ڪرڻ ٿو چاهيان، سائين منهنجا! ته سنڌ هڪ انوکو جاگرافيائي وجود آهي جنهن ۾ دريا، ٻيلا، ڍنڍون، جبل، ريگستان ۽ سرسبز ماٿريون موجود آهن، زماني جي گردشن ۾ اها وڌندا ۽ گهٽجندا رهيا آهن. پنهنجي تاريخ جي مختلف دوران ۾ اها ڪڏهن آزاد ته ڪڏهن غلام بڻجندي رهي آهي پر ساڳي وقت ان ڪي هڪ نج ۽ فخر ڀريو روح پڻ آهي جنهن ڪڏهن به غلامي يا توهين ناهي قبولي. ان جهڪائڻ يا اڻ مڃرائڻ جي انيڪ ڪوششن جي باوجود ڪڏهن به آڻ ناهي مڃي. اهو جذبو چومانسي جي ڪاروڪانيار جيان سنڌ تي مهين جي دڙي جي دراوڙن جي آخر سڌ طور واسيل رهيو آهي. اهو مختلف حالتن ۾ مختلف  روپ مٽائي ايندو رهيو آهي. ڪڏهن راجا ڏاهر جي روپ ۾ ته ڪڏهن دودي سومري جي شڪل ۾، ڪڏهن دريا خان ۽ مخدوم بلاول بڻجي ته ڪڏهن وري شاهه حيد سنائي جي روپ ۾. ان پنهنجو پاڻ ڪي شاهه عنايت جي پيار ۽ سورهيائپ ۾ اظهار ڪيو آهي. (سيد، 1994، صفحو 3)“.

سنڌ تي برطانوي والار ۽ اڳتي هلي انڪي پاڪستان ۾ شمل ڪرڻ سنڌي قومي اُڌمن ڪي تيز ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستاني رياست جي محڪوميءَ وارن قدمن اڪين ڏيکاريو ناهي ۽ قومي آزاديءَ جي گهرُ جهڪي ڪرڻ بدران هو جيئن پوءِ تئين وڌ قومپرست جماعتن جي عوامي احتجاجن ۽ ٻين تحرڪي ڪاوشن جو حصو پيا بڻجن. انتهائي آپيشاهائي قدمن، عملن جي هيٺ دورن سنڌي مرد ۽ عورتون، ننڍا توڙي بزرگ سمجهن ٿا ته هو ماتر ڀومي جو قرض پيا چڪائين. هاڻوڪن سالن



دوران، سوين نوجوانن ڪي اغوا يا ڪنيو ويو آهي. سوين رياست خلاف جنگجو ڪارواين جي الزام هيٺ سڪيورٽي فورسز هٿان مارجي ويا آهن. اهو چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته همعصر سنڌ ۾، هزارين ڪٽنب ڪنهن نه ڪنهن ريت سڪيورٽي فورسز جي قهري ڪاروائين جو شڪار بڻيا آهن پر سندن مزاحمت وارو جذبو اجان اجهاميو ناهي.

سنڌي حوصلي جي سطح غير معمولي آهي. تاريخ جي سمورن دورن ۾ هو وڏين قربانين سان انيڪ حملي آورن جا وار سهندا آيا آهن. اها مڃيل حقيقت آهي ته هڪ تعظيم ڀري ۽ آزاد زندگي گذارڻ لاءِ هڪ قومي وجود طور سنڌين جي خواهش سندن قومي آزاديءَ جي جدوجهد جي شدت جو هڪ اهم عنصر آهي.

قومپرست ڪارڪنن ۾ وڌي شاهي سجاڳي

گذريل ڪيترائي سال سنڌي قيادت ۾ پنهنجي جدوجهد جي حڪمت عملين ۽ حرفتن جي حوالي سان انتهائي سجاڳيءَ جو مشاهدو ڪندا رهيا آهن. لڳ ڀڳ سمورا اڳواڻ پنهنجي غور ويچار ۾ ان تي سمهت هئا ته سمورن قومپرستن جو هڪ گڏيل محاذ وقت جي ضرورت آهي ته جيئن عوام ڪي منظم ۽ متحرڪ ڪري سگهجي، سنڌي اڳواڻ انهيءَ حقيقت کان واقف آهن ته مختلف قومي سماجي گروهن ۾ ويجهڙائپ ۽ ايڪتا جدوجهد ڪي نئين اوچائي تي پهچائيندي. انهيءَ ادراڪ سان اهو سامهون ٿو اچي ته هو مزاحمتي تحريڪ جو مول مٽن ۽ مقصدن جي حوالي سان ڪنهن به مونجهاري سان مڪا ميل ٿيڻ لاءِ تيار آهن. ان بابت ڀڪرائپ موجود آهي ته صوبائي خودمختياري يا وفاقيت واري اُٽ ٽڻ مونجهارو پيدا ڪندي عوام ۽ عالمي برادريءَ ۾ سنڌي قومي مزاحمت جي اصل هدفن بابت غير يقينيءَ واري صورتحال پئدا ڪري رهي آهي. هاڻ قيادت ۾ اها ڀڪرائپ پيدا ٿي آهي ته سنڌين لاءِ خوداراديت وارو حق جدوجهد جو هدف هئڻ گهرجي.

مزاحمت ۾ هڪ نئي مثبت واڌ ويجهه زميني حقيقتن تي ٻڌل حڪمت عمليون جوڙڻ تي زور ڀرڻ آهي. پنهنجين ڳالهين ٻولهين ۾ سنڌي قومپرست اڳواڻ ۽ سرگرم ڪارڪن انهيءَ حقيقت کان باخبر نظر ٿا اچن ته قومي جدوجهد جا مقصد اُرهه زورائي سان حاصل نٿا ڪري سگهجن. اهي ڪنهن قومي مزاحمت کي درپيش بنيادي مامرن کي منهن ڏيڻ ڪانسواءِ رڳو موضوعي هنيومين ۽ خيالي تعاون ذريعي حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي. اهو ادراڪ مستقبل ۾ جوڳيون حڪمت عمليون جوڙڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

سنڌي قيادت ان حقيقت کان پڻ واقف نظر ٿي اچي ته رياست قومپرست گروپن طرفان ايڪتا جي ڪوشش جا اثر گهٽائڻ ۽ عوام ۾ ڏڦير پيدا ڪرڻ جي غرض سان سماجي بيچيني وڌائڻ ۽ قومپرست ڪارڪنن جو اعتماد ۽ حوصلو ضربڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي. هاڻ پنهنجي بحث مباحثن ۾ سنڌي اڳواڻ ۽ ڪارڪن پنهنجي مزاحمت جي سگهه ۽ ڪمزورين ۽ ويريءَ جي صورتحال جو تجزيو ڪرڻ تي زور ڀري رهيا آهن. اڳواڻن مان ڪيترائي ان تي سهمت آهن ته هٿياربند مزاحمت کي قومي نجات جو واحد دڳ نه ليکڻ گهرجي. بهرحال هو انکي قطعي طور رد به نه ٿا ڪن. هڪ سرگرم ڪارڪن جي بقول:

”اسانکي طاقت جو جواب طاقت سان، دليل جو جواب دليل سان ۽ بحث مباحثي جو جواب بحث مباحثي سان ڏيڻ گهرجي“.

سنڌي قومپرست ان حقيقت کان واقف آهن ته قومي عزت حاصل ڪرڻ واسطي جدوجهد لتڪائيندڙ آهي ۽ ان ۾ ماڻهن ۽ اسمن جو اڻ ميو نقصان ٿئي ٿو، بهرحال جهڙي ريت هڪ اهم قومپرست اڳواڻ ٿو چوي:

”سنڌي قومي جدوجهد سيڙپ ۽ لاڀ جو مامرو ناهي



پر اها ڏاڍ ڪندڙن خلاف بيهڻ ۽ انصاف ۽ ناانصافيءَ وچ ۾ ويڙهاند آهي. اها اڳرائي ڪندڙ قوتن خلاف مزاحمت جي تاريخ حق تي بلند ڪرڻ آهي. اها پنهنجي قدرن ۽ روائتن سان عزت ۽ احترام سان گهارڻ جي آدرشن کي اوچو رکڻ جو نانءُ آهي“.

سنڌي قومپرست انهيءَ حقيقت کان ڀلي ڀت واقف آهن ته ڪو ڪرشماتي اڳواڻ ڪنهن قومي مزاحمت جي ڪاميابيءَ لاءِ انتهائي اهميت رکي ٿو. لڳ ڀڳ سمورا قومپرست گروهه جي ايم سيد جي وفات ڪانپوءِ ڪنهن قومي شخصيت جي غير موجودگيءَ جو ڀورائو ڪرڻ لاءِ ڪنهن گڏيل محاذ جي ڇپر ڇانو هيٺ هڪ اجتماعي قيادت تحت ڪم ڪرڻ جي ضرورت جي وڏي واڪي صدا هڻي رهيا آهن. ورلڊ سنڌي ڪانگريس جا اڳواڻ، جيڪي سنڌي قومپرستن جي گڏيل محاذ يقني طور تي عقلي، نفسياتي ۽ مادي جي حوالن سان قومي نجات جي ڪاوشن کي هٿي ڏيندو.

قومپرستن جي بيائتي ۾ سڀ کان وڏي خوش آئند تبديلي پيرن ۽ صوفين بابت وڌندڙ حقيقت پسندي آهي. ڪيترن آڏو، صوفي مت جي پيروڪار هئڻ جي تصور هيٺ سنڌي پر امن ماڻهو آهن، عوام جي ويڙهاڪ جذبي کي تمام گهڻو نقصان رسايو آهي. ڪنهن حد تائين، صوفي مت معاشري جي هڪ ڀاڱي کي نستو ۽ محڪوم بنائڻ لاءِ ذميوار آهي. هيءُ اُهي ماڻهو آهن جيڪي اڳيئي طئي ٿيل ڀاڳ تي ڀاڙين ٿا ۽ اوچتوئي اوچتو پنهنجي پيڙائن جي انت جو اوسيئڙو ٿا ڪن. هاڻ قومپرستن اهو باور ڪرايو آهي ته ڀاڳ وارو تصور هڪ پاسي رکجي جو اهو سنڌن ڀاڳ ناهي ته ڪو هو محڪومي يا غلاميءَ ۾ گهارين. انٽرويو ڪيل ڪجهه اڳواڻن الزم پڻ ڏريو ته امن پسند سنڌين جي ذهني لاڙو ماضيءَ ۾ سنڌن ڌرتيءَ جي والار جو سبب رهيو آهي ڇاڪاڻ جو ان ڪيترن ئي هم جوئن لاءِ سنڌ جي ڌرتي ۽ دولت ڦرڻ واسطي راهه هموار ڪئي. اهو جيئن پوءِ تئين واضح ٿيندو پيو وڃي ته سنڌي اڳواڻن جو هاڻوڪو نسل ان حقيقت

ڪان ڀلي ڀت واقف آهي ته ڌرتيءَ جو گولو انهن قومن جي وراثتي ملڪيت پئي رهيو آهي جن وٽ فوجي سگهه آهي ۽ فطرت بقا جي اڻ ڪٽندڙ جدوجهد ۾ اهل ترين جي بقا جي راهه هموار ٿي ڪري. اتر امريڪا ۾ ٿانيڪي هڪ سنڌي اڳواڻ زور ٿي ڏنو ته جيڪڏهن سنڌ ۾ پرامن مزاحمت جو لاڙو يا سنڌ بچائڻ لاءِ ڪنهن معجزي جو اوسيئڙو مڪمل طور تي رد نٿو ڪجي ته سنڌ دشمن اسانجي ماڻهن تي خطرناڪ وار ڪرڻ لاءِ همٿائبا رهندا. هُن زور ڏنو ته اسانکي اهو تلخ سچ نه وسارڻ گهرجي ته ٻي واهرو قومن جي تعظيم ۽ مان مرياد سدائين انهن جي هٿ وس هوندي آهي جن وٽ ويڙهو سگهه هجي ٿي.

ڀارتي عنصر

جهڙي ريت پوئين باب ۾ بحث هيٺ آندو ويو آهي ته سنڌي قومپرست سندن قومي مزاحمت ڏانهن ڀارتي ورتاءُ تي دلگير آهن، بهرحال هاڻوڪن سالن ۾ حالتون ڀارتين کي مجبور پيون ڪن ته هو پاڪستان ۾ سنڌي ۽ بلوچ قومي سوال ڏانهن هڪ حتمي ۽ مثبت انداز اختيار ڪن. ڀارتي اسٽيبلشمنٽ جو هڪ ڀاڱو ڪشمير ۾ افغانستان ۽ ڀارت جي ٻين علائقن ۾ پاڪستاني اڳرائي خلاف پنهنجي حڪمت عملين ۾ سنڌي ۽ بلوچ قومي جدوجهدن کي شامل ڪرڻ بابت سنجيدگيءَ سان ويچاري رهيو آهي. انهيءَ راءِ جي حمائتين جو خيال آهي ته سنڌين ۽ بلوچن جي پٺڀرائي ڪرڻ سان پاڪستاني فوجي اسٽيبلشمنٽ جو ڌيان ڀارت يا افغانستان ۾ سرحد پار دهشتگرد ڪاروائين کان ٽڙي سگهي ٿو. هو اهو به سمجهن ٿا ته سگهارا سنڌي ۽ بلوچ مزاحمتي گروهه سنڌ ۽ بلوچستان ۾ چيني موجودگيءَ لاءِ رد، توازن پڻ ثابت ٿي سگهن ٿا. ڀارتي سياستدانن ۽ عوامي راءِ هموار ڪندڙن جو اهو ڀاڱو پنهنجي حڪومت تي بلوچن ۽ سنڌين سان پنهنجي يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ زور وجهي رهيو آهي. هو حڪومت تي اهڙيون حڪمت عمليون جوڙڻ واسطي پڻ زور ڀري رهيا آهن جيڪي پاڪستان



۾ قومي مزاحمتن جي پٺڀرائي کي ڀارت جي رياستي مقصدن جو مستقل مظهر بڻائين. پاليسون جوڙيندڙ ڀارتين ۾ اهو ادراڪ سگهارو ٿيندو پيو وڃي ته بلوچن ۽ سنڌين لاءِ ٻي معنيٰ مدد يا ڪنهن ڪاروائي جو رسمي رد عمل ظاهر ڪرڻ پاڪستان سان ختم نه ٿيندڙ تضاد جو جواب ناهي. هو سمجهن ٿا ته بلوچن ۽ سنڌين طرفان منظم مزاحمت پاڪستاني فورسز کي اندروني طور تي مصروف رکندي، سندن حوصلا پست ڪندي ۽ ڀارت ۾ اڳرائي وارين سندن ڪاروائين ۾ رخنو وجهندي. هو پنهنجو اهو موقف سامهون آڻي رهيا آهن ته آخرڪار سنڌ ۽ بلوچستان جون آزاد رياستون توانائي سان ڀرپور وچ ايشيا کان تيل ۽ گئس جي پائيپ لائين لاءِ هڪ فطري راهه بڻبيون. انهيءَ گروهه کي مودي حڪومت اچڻ سان پنهنجي ڳالهه لاءِ وڌو حوصلو مليو آهي. ڀارت ۽ باقي دنيا لاءِ سيا کان وڌيڪ اهميت جوڳي ڳالهه اها ٿيندي ته مختلف عقيدن جي پيروڪارن وچ ۾ سهپ ۽ پرامن بقائي باهمي جي ڏکهي روائت سبب سنڌ خطي ۾ مذهبي انتهاپسندي ۽ بنياد پرستيءَ خلاف هڪ سگهارو مورچو ثابت ٿيندي. پاڪستان جي بلوچن ۽ سنڌين سان ٽڪراءُ ۾ ڏر ٻٽجڻ ۾ ٽڪڙ ڪرڻ چين طرفان خليج فارس تائين پهچڻ جي سڌ سبب پڻ ضروري آهي جنهن جي نتيجي ۾ ڀارت چوطرفو گهيري ۾ اچي ويندو. چين پاڪستان معاشي راهداري (CPEC) متعلق سمجهيو ٿو وڃي ته اهو خليج فارس واري خطي ۾ ڀارت جي فوجي ۽ معاشي مفادن کي ڇيهو رسائڻ واسطي آهي. وسيع تر سياسي سنڌن سان هڪ اُڀرندڙ معاشي ديوقلمت وجود طور ڀارت مستقل طور تي ٽڪراءُ واري صورتحال برداشت نٿو ڪري سگهي جيڪا هو سمجهن ٿا ته ڀارت جي مختلف ڀاڱن ۾ پاڪستاني رياست اسٽيبلشمنٽ پيدا ڪري رهي آهي. ڀارت جي دنيا جي وڏين طاقتن واري چوپاريءَ ۾ داخل ٿيڻ ۾ واحد رڪاوٽ پاڪستان آهي. ڀارتي حڪمت عمليءَ ۾ هاڻوڪي پيش رفت کي سنڌي قومي جدوجهد لاءِ بامعني ڀارتي پٺڀرائي

حاصل ڪرڻ جي هڪ موقعي طور ڏٺو ٿو وڃي.

هٿياربند مزاحمت جو سامهون ايندڙ عنصر

ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين، سنڌي قومي اُڌم سياسي طريقن ۽ عوامي تحريڪ ذريعي اظهار ٿيندا رهيا آهن. پر ڏاڍ ڏمر ۾ واڌ ۽ سنڌي سياستدانن ۽ ساجاهه وندن ۾ هاڻ يا ڪڏهن به نه واري تصور جي اُڀرڻ سان رياستي جبر کي هٿياربند مزاحمت ذريعي موٽ ڏيڻ وارو لاڙو تيزيءَ سان اُڀري رهيو آهي. ٽنجڻ ۾ هٿياربند جدوجهد ته نظر پئي اچي، ڪيترن ئي قومپرستن لاءِ جنگ ويڙهه، جيڪو هاڻ سنڌن جدوجهد جو حصو بڻجي ويو آهي رياستي ڏاڍ ڏمر جي رد عمل طور سامهون آيو آهي. هڪ اهم سنڌي اڳواڻ طنزيا طور تي پرامن احتجاج کي پنهنجي جدوجهد جا مقصد حاصل ڪرڻ جي واحد رستي هئڻ کي رد ٿو ڪري. هُن واضع ڪيو ته ڪيتري وقت کان سنڌي قوم طاقت ماڻڻ چاهيندي پئي آئي آهي. سنڌن ويڙهاڪ جذبي کي صوفي مت جو فرمانبردار عقيدي جي متعارف ڪرائڻ ۽ پر امن مزاحمت ۾ ويساهه رکڻ جي ڳالهه ڪندي شعوري طور تي مڌو پئي ڪيو ويو آهي. بهرحال هٿياربند مزاحمت جي فائدن ۽ نقصانن تي بحث اجان هلندڙ آهي، جنهن دوران ٻئي ڌريون شدت سان پنهنجي پنهنجي موقف جو بچاءُ ڪري رهيون آهن.

سياسي ڪيتر ۾ تبديلن سان لڳي اهو ٿو ته جدوجهد ۾ هٿياربند مزاحمت کي شامل ڪرڻ کي فوقيت ملندي پئي وڃي چاڪاڻ جو پاڪستان جي حڪمران اتحاد جي ذهنيت آڏو سمورا قابل قبول پر امن دڳ پنهنجي وقعت وڃائي ويٺا آهن، اتحاد جيڪو سنڌي قومي سوال جي موجودگيءَ کان لاڳيتو انڪار ڪندو پيو اچي، سڪيورٽي فورسز جي اڳ کان اڳري ڪاروائين CPEC ۽ ذوالفقار آباد جهڙن قهري منصوبن مان پيدا ٿيندڙ خطرن سنڌين ۾ اهو حقيقي ڊپ پيد ڪري وڌو آهي ته اهي رڻائون ڪين آخرڪار اقليت ۾ بدلائي ڇڏيندين. اهو ويساهه مضبوط پيو ٿئي ته جيڪڏهن موٽ ڏيڻ ۾ دير ٿي ته پوءِ



سنڌي پاڪستاني رياست کي با معني انداز ۾ جواب ڏيڻ جي حيثيت ۾ ئي نه هوندا. اهو تصور پاڙ پختي پيو ڪري ته هڪ ڊگهي جدوجهد ۾ هٿياربند مزاحمت سان ڳنڍيل سياسي تحريڪ ملڪ جي اڳيئي بدحال بڻيل معشيت کي اضافي بار جو سبب بڻبو. هٿياربند مزاحمت جي عنصر کي شامل ڪرڻ واري هڪ جوڳي ريت تيار ڪيل حڪمت عملي جي امڪان سان سنڌي قومي جدوجهد اڄ جي ڀيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ ڪارائتي بڻبي.

بلوچ سنڌي توازن

ڪو انهيءَ حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهي ته قومي نجات لاءِ جدوجهد اڪيلائپ يا ويڳائپ ۾ برقرار رهي سگهي ٿي. سنڌي قومپرست ان حقيقت کان ڀلي ڀت واقف آهن ته ڪنهن اُڀرندڙ قومي مزاحمت لاءِ هم خيال مزاحمتي تحريڪن سان سهڪار ۽ ڳانڍاپو بنيادي اهميت وارو معاملو آهي. هاڻوڪين حالتن ۽ تاريخي تناظر ۾ بلوچ ۽ سنڌي فطري اتحادي آهن. تاريخ، جاگرافي ۽ ثقافت سنڌن ڀاڳ کي ٻنڌي ڇڏيو آهي. بلوچستان جو هاڻوڪو زميني ماڳ هن خطي ۾ عرب اڳرائي کان اڳ سنڌي سلطنت جو ڀاڱو هو. ڪيترائي سنڌي قبيلا وسيع تر بلوچ قومي سڃاڻپ ۾ ضم ٿي ويا آهن. انڪري لکين ماڻهو جيڪي اصل ۾ مختلف بلوچ قبيلن سان تعلق رکندڙ هئا سي هاڻ سنڌي قومي وجود جو اڻ ٽٽ حصو آهن. انيڪ سنڌين ۽ بلوچن جون پاڻ ۾ سنگٻنديون آهن ۽ هو هڪٻئي جي ديس ۾ ملڪيتن جا مالڪ آهن. وچ ۽ اڀرندي بلوچستان جا ڪيترائي بلوچ اڳواڻ پنهنجي ثانوي مادري ٻوليءَ طور سنڌي ٿا ڳالهائين.

سياسي طور تي سنڌين ۽ بلوچن پنهنجي قومي مزاحمت جي شروعات 1950 واري ڏهاڪي دوران نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) جي پليٽ فارم تان ڪئي. 1958 ۾ فوج طرفان اقتدار تي قبضي سان سياسي سرگرمين تي پابندي مڙهي

وئي ۽ جڏھن ڪجھ سال پوءِ انھن جي اجازت ڏني وئي ته جي ايم سيد پنھنجي ھڪ ڌار سنڌ تي ٻڌل تنظيم قائم ڪئي پر بلوچ اڳواڻن سان پنھنجا ذاتي ۽ سياسي لاڳاپا برقرار رکيائين، جيڪي نعپ ۾ ڪم ڪري رھيا ھئا. ڪيترائي ٻيا سنڌي قومپرست ۽ ترقي پسند سياستدان نعپ جي صفن ۾ شامل ھئا، تانجو انتي 1975 ۾ ڀٽو حڪومت پابندي نه ھنئي.

حيدرآباد سازش ٽربيونيل * کي ختم ٿيڻ تي جيلن مان بلوچ قيادت جي آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ، اقليتي قومي وجودن جي قومي حقن تي رياستي اسٽيبلشمنٽ جي وڌندڙ ڏاڍ ذمر جي مزاحمت واسطي سمورين قومپرستن ڌرين کي ھڪ گڏيل پليٽ فارم تي منظم ڪرڻ جون ڪيترين ئي ڪوششون ڪيون ويو. 1980 ۽ 1990 وارن ڏھاڪن دوران جھوني بلوچ اڳواڻ سردار عطاالله مينگل ڪنفيڊريشن فرنٽ ۽ پاڪستان جي مظلوع قومن جي تحرڪ (PONM) قائم ڪندي بلوچن، سنڌين، سرائڪين ۽ پختونن وچ ۾ ھڪ قسم جو اتحاد قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيتوڻيڪ اھي سٺيون پيش رفتون ھيون پر مختلف سببن ڪري اثرائتا اتحاد نه بڻجي سگھيون ۽ گھربل نتيجا ڏيڻ ۾ ناڪام رھيون. بھرحال ھاڻوڪن سالن دوران سنڌي قومي مزاحمت ۽ بلوچ قومي جدوجھد ۾ ويجھڙائپ پروڙي سگھجي ٿي. ايڪويھين صديءَ جي شروعات ڪان وٺي مرڪزي بلوچ قومپرست جماعت بلوچستان نيشنل پارٽي (BNP) ۽ ڪيترائي سنڌي قومپرست گروپ ٻنھي قومن کي درپيش گڏيل مامرن تي عوامي تحرڪ لاءِ ھڪ رسمي اتحاد جوڙڻ جا امڪان پلھورڻ ۾ رڌل آھن. ورلڊ سنڌي ڪانگريس ٻنھي جدوجھدن ۾ ھڪ بامعنيٰ اتحاد لاءِ تمام گھڻو پتوڙي رھي آھي. بلوچ ۽ سنڌي تارڪين وطن زوري ڪنيڻ، بلوچستان ۽ سنڌ ۾ فوجي آپريشن CPEC ۽ ٻين سماجي، سياسي ۽ معاشي مسئلن تي گڏيل طور تي مھمون ھلائيندا پيا اچن.

سنڌي بلوچ اڳواڻن جي اڪثريت پنھنجي ذاتي رابطن ۽



ويجھڙائپن کي استعمال ڪندي پاڪستان اندر ۽ ٻاھر ھڪ رسمي اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ پتوڙي رھي آھي. ھو ڄاڻن ٿا ته اھڙي نوعيت جو اتحاد ٻنھي مزاحمتن لاءِ لاڀائتو ٿيندو. بلوچ ۽ سنڌي قومي مزاحمت جو توازن ھٿيابند مزاحمت لاءِ ھڪ وسيع تر ايراني ۽ انتھائي وڌو موقعو فراھم ڪندو جيڪو پنھنجي طاقت ۽ رسائي جي آڌار تي سڄي ايراضي تي ھٿيارابند نظرداري رکندڙ والاريندڙ قوتن لاءِ نامڪن نه ته به معاملن کي ڏکيو ضرور بڻائيندو. اھو عمل قومپرست ڪارڪن جا حوصلا پڻ وڌائيندو جيڪو سنڌن سياسي تحرڪ لاءِ سٺو سنوڻ ثابت ٿيندو. قومپرستن جي اڪثريت ان خيال جي آھي ته ايڪتا لاءِ زور ڏيڻ نه رڳو سنڌي ۽ بلوچ قوتن جي ڪاوشن ۾ توازن آڻڻ لاءِ ضروري آھي پر جيڪڏھن مناسب ريت ڪٽ لڳائجي ته ان سان دشمن جي ناقابل تسخير ھئڻ واري ڏند ڪٿا کي پڻ پورا پورا ڪري سگھجي ٿو. بلوچ ۽ سنڌي قومپرستن طرفان ڪنھن گڏيل حڪمت عمليءَ تي ڪابه اڳڀرائي ٻنھي جدوجھدن جي ڪارڪنن کي ھمٿائيندي ۽ سنڌن رضاڪارن جي مزاحمتي سگھ ۾ اضافو ڪندي.

### عالمي ڪيتر ۾ تبديل ٿيندڙ منظر

محڪوم قومن جي قومي ڪاز کي اڳتي وڌائڻ ۾ عالمي برادريءَ جو ڪردار انتھائي اھميت جوڳو آھي. ڪنھن به قومي آزاديءَ جي جدوجھد لاءِ پنھنجو مقصد حاصل ڪرڻ واسطي عالمي حمائت لازمي آھي. ھيل تائين سنڌ جي آزادي ڪنھن به ويجھي يا ڏورانھين پرڏيھي طاقت جي ايجنڊا تي ڪڏھن به نه رھي آھي. 1970 ۽ 1980 وارن ڏھاڪن ۾ جڏھن جي ايم سيد سنڌ جي قومي ڪاز لاءِ عالمي مڃتا حاصل ڪرڻ لاءِ پتوڙي رھيو ھو ته ڪيس ھر پاسان مايوسي تي ڪيس پارٽي وزيراعظم راجيو گانڌيءَ جي ورتاءُ مان سڀ ڪان وڌيڪ نراسائي ٿي جڏھن ھُن پنھنجو ھڪ جونيئر انٽيلجنس آفيسر ساٿس سنڌوديش جي معاملي تي ڳالھائڻ لاءِ اُماڻيو. ھو افغانستان

امريڪا ۽ روس کان به ڪا مدد حاصل ڪري نه سگهيو. هاڻوڪن سالن دوران، عالمي سطح تي معاملا اڳتي ڇُريا آهن ۽ هڪ نئون سياسي وايو منڊل جڙيو آهي. ايڪويهين صديءَ جي باک ڦٽڻ سان شروعات کان عالمي سطح تي طاقتن ۾ هڪ صف بندي سامهون آئي آهي جنهن ۾ سڌريل دنيا مذهبي بنيادپرستي ۽ عالمي دهشتگرديءَ سان مهاڏو اٽڪائي رهي آهي. پنهنجي سيڪولر سماجي ورثاءُ سبب سنڌي ۽ بلوچ سڌريل دنيا جا فطري اتحادي آهن. سنڌن قيادت واضع ۽ بلند آواز ۾ اعلان ڪيو آهي ته هو عالمي قوتن واري پاسي آهن. سنڌن ڪاز لاءِ عالمي برادريءَ جي پٺڀرائي جي ڏس ۾ سنڌي قومپرست سمجهن ٿا ته عالمي سطح تي قوتن جي انهيءَ صف بنديءَ مان لاڀ پرائي سگهن ٿا.

پاڪستان هڪ ڊگهي عرصي تائين اولهه اجان به ائين چئجي ته امريڪا ۽ برطانيا جي طفيلي رياست رهيو آهي. اهو وچ اوڀر ۽ هندي سمنڊ ۾ سنڌن معاشي ۽ فوجي مفادن جي تحفظ لاءِ برطانيا قائم ڪيو ۽ امريڪا ۽ ٻين اولهندي طاقتن برقرار رکيو. پاڪستان خطي ۾ سوشلزم خلاف اولهه جي ويڙهه ۾ هڪ اهم ڪلاڙي هو ۽ سرد جنگ واري دور ۾ سوويت يونين خلاف ڪيترن ئي بچاءُ وارن ٺاهن جو ميمبر هو. پاڪستان جو استحڪام يقيني بنائڻ اولهه جي حڪمت عمليءَ جو هڪ اهم عنصر رهيو. امريڪا ۽ اعلي يورپي اتحادين افغانستان ۾ پنهنجي قومي مداخلت دوران پاڪستان تي مڪمل انحصار ڪيو. پاڪستان ڀارت خلاف سفارتي ويڙهه لاءِ امريڪا ۽ يورپ تي انتهائي حد تائين ڀاڙي ٿو. مالياتي مدد، پنهنجي هٿياربند فوجن لاءِ هٿيار ۽ ٽيڪنيڪي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ سول ۽ فوجي تربيت لاءِ انجو اولهه تي مڪمل انحصار آهي. برطانيا، جرمني، فرانس، امريڪا ۽ جاپان جهڙين وڏين اولهه طاقتن جن جو دهشتگرديءَ خلاف ويڙهه ۾ گهڻو ڪجهه داءُ تي لڳل آهي، پاڪستان جي مذهبي رياست لاءِ جوڳي مدد فراهم ڪن ٿا. اهي



اڳيئي رياست جي اسلحي واري پروگرام جي تياريءَ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري چڪا آهن. پاڪستان جي ناڪام ٿيندڙ معيشت کي ٽيڪو ڏيڻ لاءِ اربين ڊالر ڏُق ڪيا ويا آهن.

بهرحال هاڻوڪن سالن ۾ ڪيترن ئي عنصرن سبب پاڪستان ۽ انجي سرپرستن جي ناتن ۾ تبديلي آئي آهي. سوويت يونين جي زوال ڪانپوءِ پاڪستان جي سوشلسٽ بلاڪ خلاف هڪ اتحادي طور گهرج نه رهي آهي. سوويت يونين جو ڊگهي عرصي تائين اتحادي رهندڙ ڀارت هاڻوڪن ڏهاڪن ۾ اولهه سان پنهنجا معاشي ۽ فوجي ناتا انتهائي بهتر ڪري ڇڏيا آهن. افغانستان کي غير مستحڪم ڪرڻ، ڀارت ۾ دهشتگرد ڪاروائين ۾ ملوث هئڻ ۽ انجو اسلامي نيوڪليائي بم اُهي عنصر آهن جن پاڪستان کي اولهه لاءِ اثاثي بدران بار بنائي ڇڏيو آهي. اولهندي راڄڌانين ۾ پاليسيون جوڙيندڙ ۽ راءِ عام هموار ڪندڙ هاڻ مذهبي رياست کي برقرار رکڻ جي فائدن ۽ نقصانن کي بحث هيٺ آڻي رهيا آهن. پاڪستان افغانستان ۾ ويڙهه ۾ رڌل اولهه جي ملڪن جي اتحاد جي هڪ غير ناٽو ميمبر واري حيثيت رکڻ ۽ اربين ڊالرن جي امداد حاصل ڪرڻ جي باوجود هاڻوڪن سالن ۾ پاڪستان جي افغانستان کي غير مستحڪم ڪرڻ واري ڪردر بابت واضع طور تي ٿاءُ ۽ ڏڦير جو مشاهدو ڪيو ويو آهي. واشنگٽن ۾ اهو ادراڪ وڌي رهيو آهي ته پاڪستاني آءِ ايس آءِ القاعده قيادت جي همڪاري ڪندي رهي آهي جڏهن ته ان افغانستان ۾ جهريندڙ طالبان جي به سرگرم پٺڀرائي جاري رکي آهي. ٻئي پاسي پاڪستاني اسٽيبلشمنٽ خاص طور تي ڪشمير تڪرار جي حوالي سان اولهه طرفان پٺ ۾ ڇرو هڻڻ جو احساس ٿي رکي، جڏهن ته انکي افغانستان ۾ وڌندڙ ڀارتي اثر رسوخ پڻ اعتراض آهي. پاڪستاني اسٽيبلشمنٽ اڳيئي بلوچستان ۾ انساني حقن واري صورتحال تي امريڪي ڪانگريس ۾ انيڪ ٻڌڻين تي پڻ سخت رد عمل ظاهر ڪري چڪي آهي. ان بلوچستان جي ”خودارادیت“ جي وڪالت ڪندڙ

امريڪي ايوان نمائندگان جي ٽن ريپبلڪ عيوضين ڊانا روهرا بيچر، لوئي گوهمرٽ ۽ اسٽيوڪنگ طرفان 2012 ۾ هڪ ٺهراءُ پيش ڪرڻ تي پڻ پنهنجي انتهائي ناخوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي. ڊونالڊ ٽرمپ جي سربراهيءَ ۾ نئين ريپبلڪن حڪومت افغانستان ۾ پنهنجي مداخلت ختم ڪرڻ لاءِ پاڪستاني اسٽيبلشمنٽ تي ڪلئي عام دٻاءُ وجهندي رهي آهي. آگسٽ 2017 ۾ صدر ڊونالڊٽرمپ جي ڏکڻ ايشيا بابت پاليسي تقرير اسلام آباد جي سويلين ۽ فوجي ايوانن ۾ ٽرٿلو مچائي ڇڏيو. اها تقرير پراڻين امريڪي پاليسين کان واضع اخراج هو جو ان افغانستان ۾ ڏڦير لاءِ پاڪستان کي هڪ اهم ڪردار تي ليکيو. اها تقرير سهڪار نه ڪرڻ جي صورت ۾ پاڪستان کي کلئي ريت هڪ ڌمڪي پڻ هئي. پهرين جنوري 2018 تي صدر ڊونالڊ ٽرمپ افغانستان کي غير مستحڪم ڪرڻ ۾ پاڪستان جي ملوث هئڻ بابت بيهر پنهنجي ڳالهه ورجائي.

عالمي معاملن يا سياسي تجزئي نگار وڏي پئماني تي سمجهن ٿا ته پاڪستان جهڙن بنياد پرست اسٽيبلشمنٽ ۽ نيوڪليائي سگهه رکندڙ ملڪن لاءِ اولهه وارن جي پنيرائي هڪ عارضي مامرو آهي ۽ اهڙي ڏڦيري رياستن خلاف سندن ڏنڊو ڪڙڪڻ وارو آهي. پاڪستان مختلف عالمي سياسي ماحول ۾ وڏي تبديليءَ سان ڪجهه به ٿي سگهي ٿو. هڪ سنڌي اڳواڻ پنهنجا ويچار هن ريت ٿي وندبا. پاڪستان جي اولهه وارن سرپرستن جي پاليسيءَ ۾ ڪابه تبديلي لازمي طور سنڌي قومي مزاحمت جي حق ۾ ويندي. بهرحال ٻئي پاسي، تاءُ وڌڻ جي باوجود ڪيترائي تجزئي نگار ويجهي مستقبل ۾ پاڪستان جي سلامتيءَ کي ڇيهو رسائي سگهندڙ اولهه جي ڪنهن پاليسيءَ جا امڪان رد ٿا ڪن. هو سمجهن ٿا ته پاڪستان آخرڪار افغانستان ۾ پڙڪايل پنهنجي ويڙهه ختم ڪندو ۽ اولهه سان ان جي ناتن جي بحالي سامهون ايندي. بهرحال اهو قياس رکي سگهجي ٿو ته پاڪستان ۽ اولهه وچ ۾ناتا ڪڏهن به اڳي جهڙا نه



ٿي سگهندا. ان جو سبب پاڪستاني وايو منڊل جي تجزئي نگارن موجب، حڪمران اسٽيبلشمنٽ طرفان همعصر عالمي سياست جي حقيقتن جي ادراڪ کان مڪمل طور محروم هئڻ آهي ڇاڪاڻ جو پاڪستاني اسٽيبلشمنٽ تي هاڻ مذهبي انتهاپسندن جو مڪمل طور تي عملي قبضو آهي. هو سمجهن ٿا ته اولهه وارن دوستن جي تمام گهڻي دٻاءُ جي باوجود رياستي اسٽيبلشمنٽ افغانستان کي غير مستحڪم ڪرڻ جون ڪوششون ۽ ڀارت ۽ ٻئي دنيا ۾ ڏڦير پيدا ڪندڙ جهادي ٽولن جي پنيرائي جاري رکندي. پاڪستان جي مذهبي جنونين جي اثر هيٺ هئڻ ڪري اولهندي راڄڌانين ۾ انجي نيوڪليائي سگهه بابت خدشا وڌندا پيا وڃن، جن کي عالمي سلامتيءَ لاءِ هڪ خطرو ٿو ليکيو وڃي. متي بيان ڪيل سمورا عنصر مد نظر رکندي پاڪستان ۽ اولهه وچ ۾ سنگت ڏکي ٿي پائنجي. ان ڏس ۾ منجهن ڪا جوڳي وڇوٽي جوکم جي شڪار رياست کي انتهائي ڪمزور ڪري سگهي ٿي ۽ نتيجي طور مختلف قومي وجودن جي قومي جدوجهدن جي ڪاميابيءَ جا امڪان وڌي ٿا وڃن. ان حوالي سان، پاڪستان جا مستقبل ۾ اولهه سان ناتا نه رڳو مذهبي رياست جي ڀاڳ پر سنڌين ۽ بلوچن جي قومي جدوجهدن جو پڻ تعين ڪندا.

### قومي آزاديءَ جي تحريڪن جو بدلجندڙ تناظر

سنڌي قومي جدوجهد جي حق ۾ ويندڙ هڪ ٻيو عنصر قومي آزاديءَ جي جدوجهد جي تناظر ۾ بنيادي تبديلي آهي. پنهنجي ترقي پسند ۽ سامراج دشمن بڻ بٺياد سبب تاريخي طور تي قومي آزاديءَ جون جدوجهدون اولهه دشمن ۽ سوويت اثر رسوخ جي وسعت جي ڪوشش ليکيون ٿي ويون. سرد جنگ جي سموري دور ۾ قومي آزاديءَ جي جدوجهدن کي اوڀر، اولهه تڪرار جي تناظر ۾ ڏٺو ٿي ويو. سوويت يونين جي انت ڪانپوءِ اولهه ۾ پاليسي جوڙيندڙ دنيا جي لاڳاپيل ايراضين ۾ پنهنجي اهم فوجي معاشي ۽ سياسي مفادن کي مد نظر رکندي محڪوم

قومن جي جدوجهدن جو تجزيو ڪرڻ شروع ڪيو آهي. پاڪستان هاڻوڪن سالن دوران چين کي پنهنجي پرڏيهي ۽ معاشي پاليسن ۾ انتهائي مراعات حيثيت ڏني آهي. پاڪستان سنڌ ۽ بلوچستان جي ساحلي علائقن ۾ معدنيات قلهورڻ جا حق ۽ ڪنٽرول مڪمل طور تي چين حوالي ڪرڻ جو رٿيو آهي جيڪو عمل خطي ۾ طاقت جي توازن ۾ ڦيٽارو وجهندو چاڪاڻ جو ان سان چين کي خليج فارس ۽ هندي سمنڊ ۾ بالادست حيثيت حاصل ٿي ويندي. تيل جي دولت سان مالا مال خطي ۾ اولهه جي اڻ للڪاريل ڪنٽرول لاءِ هڪ واضع چتاءُ طور اها صورتحال اولهه لاءِ ڪڏهن به قبولڻ جوڳي نه هوندي. جيڪڏهن ڏکڻ وچ ايشيا ۽ تار واري خطي جي جغرافيائي حڪمت عمليءَ واري صورتحال کي هلائيندڙ حالتون وڏي پئماني اولهه جي طاقتن خلاف ٿيون وڃن ته پوءِ سنڌين ۽ بلوچن لاءِ موقعا پئدا ٿي سگهن ٿا چاڪاڻ جو ان صورت ۾ سنڌن جدوجهدن کي اولهه جون قوتون پنهنجي لاءِ وڌيڪ موافق ليکينديون.

پاڪستان رياست جو سگهو جهڙڻ

عالمي ويڳائپ، لاپ ڏيندڙ ۽ دوستن جو زيان، انتهائي مذهبي اڻ سهپ، معاشي ۽ سياسي افراتفريءَ جهڙن عنصرن جو ميلاپ پاڪستاني رياست کي تڪڙي زوال ڏانهن وٺي پيو وڃي جنهن سان ڏتڙيل قومن لاءِ نئين اُميد پيدا ٿي رهي آهي. چومسڪيءَ (2006) جو چوڻ هو ته ناڪام رياستن جي وصف نه هئڻ جي حد تائين سائنسي آهي پر اهي ڪي هڪجهڙيون بنيادي صفتون رکن ٿيون. اهي پنهنجي شهرين کي تشدد ۽ شايد تباهيءَ کان بچائڻ ۾ دلچسپي نٿيون رکن يا ان کان قاصر آهن. اهي پنهنجو پاڻ کي مقامي يا عالمي قانونن کان مٿاهون ٿيون ليکين ان ڪري اڳرائي ۽ تشدد ٿيون ڪن. بيڪر (2006) ڪنهن ناڪام رياست بابت ڪجهه هن ريت تت ٿو ڪڍي ته جيڪا پنهنجو جواز وڃائي رهي هجي، ايڪڙ ٻيڪڙ رياستي ادارا



ڪم ڪري رهيا هجن يا بنهه ٺپ ٿيل هجن، ورلي ئي ڪا عوامي خدمت سهولت آڇيندي هجي ۽ سماجي ٽوڙ ڦوڙ کي روڪڻ جي اهل نه هجي، سمورن حوالن سان، پاڪستان جي مذهبي رياست ناڪام ٿيندڙ رياست جا اهي سمورا شرط پورا ٿي ڪري ۽ اها 2010 ۾ پرڏيهي پاليسيءَ ۾ شائع ٿيل ڏهن ناڪام ترين رياستن ۾ شامل هئي. اها مناسب رفتار سان پنهنجي منطقي پڄاڻيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي چاڪاڻ جو اسان کي هاڻوڪي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي مثال ٿا ملن جن ۾ اهڙين حالتن جي شڪار رياستن جي ڀاڱ ۾ برباديءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه لکيل نه هو.

دهشتگرديءَ کي رياست جي پرڏيهي پاليسيءَ جي هڪ اسم طور اختيار ڪرڻ، افعانستان کي غير مستحڪم ڪرڻ ۾ ڪردار، ڀارت ۾ تخريبي ڪاروايون، نيوڪليائي هٿيارن، ٽيڪنالوجيءَ جي پکيڙ واري پاليسي ۽ معاشري ۾ انتهائي مذهبي اڻ سهپ پاڪستان جي وڌندڙ عالمي اڪيلائپ جا عنصر آهن. انجا ماضيءَ وارا دوست سرپرست هاڻ عالمي فورمن تي پاڪستان جي بچاءُ ۾ پرجوش نظر نٿا اچن جڏهن ته يورپي ملڪن کان ملندڙ امداد جو جوڳي حد تائين گهٽتائي آئي آهي.

مذهبي انتهاپسندي ۽ فرقيواريت هڪ ٻيو عنصر آهي جيڪو پاڪستاني رياست جون پاڙون پٽي رهيو آهي. هندومت ۽ ٻين عقيدن جي پيروڪارن جو زوري مذهب مٽائڻ، رسول جي گستاخيءَ جي نالي تي اقليتن تي ڏاڍ ڏمر مختلف مذهبي عقيدا رکندڙن جي پرامن بقائي باهميءَ واري اصول تحت گڏجي سڏجي رهڻ کي اڻ مريو هاڃو رسايو آهي. پيغمبر محمد جي عزت ۽ توقير جي حفاظت جي نالي تي هنگامي آرائي پاڪستان ۾ معمول بڻيل آهي جنهن ۾ ٻين عقيدن جي پوئلڳن تي تشدد ڪري سندن مال ملڪيت کي نقصان رسايو ٿو وڃي. مسيحي ۽ ٻين عقيدن جي پوئلڳن کي ملڪ مان لڏ پلاڻ ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. جڏهن ته وڌيڪ لکين پاڪستان ۾ پنهنجي جان

۽ مال کي جوکم جو شڪار آهن. ختم نه ٿيندڙ فرقيوار تڪرار هڪ ٻيو عنصر آهي جيڪو ملڪ ۾ رتو ڇاڻ ۽ ڏڦير جو سبب بڻيل آهي.

اسلام جو تاريخي شيعه سُني ورهاڱو اڄ پاڪستان ۾ پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪري رهيو آهي، عبادت گاهن تي آپگهاتي بم حملن ۽ زائرين جي قافلن تي انڌا ڌنڌ فائرنگ ذريعي هزارين شيعا قتل ڪيل ويا آهن. سُني مسلمانن ۾، ڪيترائي ڌڙا اُڀريا آهن جيڪي پڻ هڪٻئي تي خنجر تاڻيل آهن. سنڌن اڪثر ٿيندڙ فرقيوارائيون سرگرميون وڏن شهرن جي معاشي جيوت کي انتهائي ڦيٽاري جو شڪار بڻائي رهيون آهن. متحارب فرقيوار تنظيمن ذريعي هڪ ٻئي خلاف سالن کان هلندڙ پرتشدد ڪاروائن ۽ ڌڪار تي ٻڌل لکڻين، تقريرن هڪ انتهائي ورهايل آباديءَ کي جنم ڏنو آهي. ڪيترن ئي تجزئي نگارن آڏو انهن فرقيوار تنظيمن جون ڪاروايون رياستي اسٽيبلشمنٽ کان اجائين وڌيڪ سرپرستي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي طاقت ڏيکارڻ جو مظاهرو آهي. جيڪي پاڙيسري ملڪن ۾ ڏڦير پيدا ڪرڻ يا ملڪ جو وهنوار هلائڻ ۾ فوج جي وڌندڙ پيشقدميءَ جي مخالفت ڪندڙ سياسي جماعتن کي ڪمزور ڪرڻ وارين پنهنجين ڪوششن لاءِ سنڌن خدمتون تي حاصل ڪري. ڪيترائي سماجي ۽ سياسي تجزئي نگار سمجهن ٿا ته پاڪستان ۾ صورتحال سگهوئي هڪ هٿ وس کان ٻاهر گهرو لڙائي واري ٻڻجي ويندي ڇاڪاڻ جو ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ خاص طور تي پنجاب ۾ پکڙيل رياستي سرپرستيءَ هيٺ مدرسن ۽ ٻيا مذهبي ادارا هر سال ساڍا ئي لک مذهبي جنوني پيدا ڪري رهيا آهن جيڪي جنگجو فرقيوارائي ڪٽر پڻي ۾ رچيل آهن.

پاڪستان جو حڪم ان اتحاد جيڪو تاريخي طور تي پنجابي سول ۽ فوجي ڪامورا شاهي، ملن ۽ مهاجرن تي ٻڌل هو سو خود پنهنجي اندر وڏا طوفان ڀوڳي رهيو آهي. رياست تي مجموعي تسلط جي حوالي سان پنجابي سويلين ۽ فوجين وچ ۾



نطر اچڻ جوڳا ٽڪراءُ پروڙي سگهجن ٿا. فوج سان ڏگهي عرصي واري اتحاد جي نتيجي ۾ پنجاب جي با اثر سويلين جا مالي ۽ سياسي مفاد فوج سان سڌي سنئين ٽڪراءُ ۾ آهن جيڪا پڻ بيڪرين ۽ پيٽرول پمپن جهڙا ننڍڙا ڪاروبار پڻ ڪري رهي آهي. پنجابي سويلين اشرافيا پختو ويساهه تي رکيو ته سڪيورٽي اسٽيبلشمنٽ جيڪا رياست جي علائقائي ۽ قومي سلامتيءَ جي تحفظ جي آڙ ۾ مجموعي قومي پيداوار جو وڏو حصو ڦٻائي رهي آهي، ملڪ کي معاشي ڏيوالپڻي تائين پهچائي ڇڏيو اٿس. ياد رهي ته پاڪستان پنهنجي مجموعي قومي پيداوار جو سٺ سيڪڙو سڌي يا اڻسڌي ريت هٿياربند فوجن تي خرچ ٿو ڪري. سويلين تجزئي نگارن جي اڪثريت سمجهي ٿي ته معاشي بحاليءَ جو شروعاتي نڪتو فوجي اسٽيبلشمنٽ تي ٿيندڙ غير ترقياتي خرچ ختم ڪرڻ ٿي سگهي ٿو. انجو مطلب پنهنجي پاڙيسرين خاص طور تي ڀارت ۽ افغانستان ڏانهن جنگجو پاليسيءَ جو انت آهي. اهو آخرڪار وڏي شاهي ۽ رت چوسيندڙ فوجي ڍانچي جي پورا پورا ٽيڻ واري صورت اختيار ڪري سگهي ٿو. فوج جي مڪمل تسلط سبب، اهو ڪجهه ويجهي مستقبل ۾ ٿيندي ممڪن نٿو لڳي. پنجابي سويلين واپاري طبقي پنجابي دانشورن ۽ سول سوسائٽيءَ جي هڪ ڀاڱي جي پٺڀرائيءَ سان هاڻوڪن سالن ۾ اڻ للڪاريل فوجي راڄ خلاف کلئي عام بغاوت ڪئي آهي. 2017 ۾ نوازشريف پنجاب جي سويلين جي نمائندگي ٿو ڪري جي بطور وزيراعظم برطرفي ۽ سندس اسٽيبلشمنٽ سان غير متوقع مهاڏو اٽڪائڻ حڪمران قوميت اندر اڀرندڙ تضادن ۽ ٽڪراءُ جو ڏس ٿا ڏين. اهو اڻٽر طور تي پاڪستان جي اڳيئي جُهريل سماجي ۽ معاشي تاڃي پيٽي کي وڌيڪ هاڃو رسائيندو.

حڪمران اتحاد ۾ ٻيا پيچي پڻ سنئوت ۾ ناهن. اهو ٿو لڳي ته رياست جي اقتداري ڍانچي ۾ هر ڪردار پنهنجو مٽيءَ جو ڪوٽ اڏڻ ۾ پورو آهي ۽ هاڻوڪن سالن دوران پنهنجي ناتن ۾

ڏار پروڙيندو رهيو آهي. مهاجر جن کي 1980 واري ڏهاڪي ۾ فوجي اسٽيبلشمنٽ هڪ سياسي پارٽيءَ ۾ منظم ڪيو هو هٿ وس ڪان ٻاهر ٿيندا پيا وڃن. اتحاد جو هڪ ٻيو پيچي، ملان جيڪو پاڪستان جي شروعاتي ڏينهن ۾ هڪ انتهائي غير اهم سماجي طبقي مان مٿجي ايڪويهين صديءَ ۾ انتهائي اهميت وارو بڻجي ويو آهي، تيزي سان اقتدار جو بکيو پيو بڻجي. جيئن پوءِ تيئن وڌ ڏڦيري حالتن ۾، اڄوڪي پاڪستان ۾ هر ڪنهن لاءِ ڪنهن به مامري تي ڪا جهل پل ناهي. سڌ سماءُ جا ذريعا جيڪي مجموعي طور تي مهاجر دانشورن، اديبن ۽ صحافين ذريعي فوج جي مڪمل ڪنٽرول هيٺ آهن، پاڪستان جي پاڙيسرين خلاف ڏڪار پکيڙڻ ۾ رڌل آهن، رياستي بياني ۾ ڪوڙ، مفادپرستيءَ ۽ رياستي نظرئي جي بگاڙ پنهنجو پاڻ کي هڪ ذري گهٽ انتشار واري صورتحال ۾ ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو آهي. مونجهاري ۽ بيقينيءَ واري صورتحال جيئن پوءِ تيئن پنهنجو پاڻ کي سماجي، سياسي ۽ معاشي ڪيترن ۾ ظاهر ڪري رهي آهي. بنيادي ڍانچو جنهن تي رياستي معيشت هلي ٿي، مڪمل ٽوڙ ڦوڙ واري عمل مان گذري رهيو آهي. معاشي طور تي پاڪستان اولهندي ملڪن ۽ تيل جي دولت رکندڙ عرب سلطنن جي خيرات تي ٽڪيندي "ڪنگال ديس" طور سڃاتو ٿو وڃي. سياسي صورتحال مڪمل طور تي ڏڦير ۾ هئڻ دوران، معاشي تباهي اٽر آهي جيڪا تيزيءَ سان اچي رهي آهي جڏهن هر پاڪستاني عالمي ۽ ڏيهي مالي ادارن جو ڦي ڪس لڳ ڀڳ هڪ لک رپين جو قرضي آهي. اهو پروڙڻ ڏکيو آهي ته پاڪستان ڪهڙي ريت معاشي ڏيواليپڻي ڪان نڪري سگهندو. تعليمي معيار تباهه ٿي ويو آهي ۽ گذريل ٽيهن سالن دوران غربت ۾ انتهائي اضافو ٿيو آهي. انجو قياس تي بدل اسلامي قومي نظريو نه رڳو وڌي پيماني تي مذهبي فرقيوارائي ورهاڱي جي صورت ۾ سامهون آيو آهي پر ان سمورن قومي وجودن کي پڻ مڃرائي وڌيو آهي نتيجي طور اندروني ٽڪرار ۽ ٽڪراءُ چوٽ چڙهيل



آهن. مختلف قومون هڪٻئي جي نڙيءَ تي ڪات رکيو ويٺيون آهن، هر ڪو ٻئي تي پنهنجي برتريءَ جو داعي آهي. سنڌين ۽ پنجابين وچ ۾ وير سان گڏوگڏ پنجابين ۽ بلوچن وچ ۾ تعلقات حقيقي طور تي خراب آهن. هاڻوڪن سالن ۾، مهاجرن جيڪي جيٽوٽيڪ حڪمران طبقي جو ڀاڱو آهن. تي پڻ فوجي اسٽيبلشمنٽ الزام ڌريو ته هو رياست جا وفادار ناهن.

عالمي اڪيلائپ، ڏڦيري صورتحال، ابتر معاشي ڪارڪردگي ۽ وڌندڙ فرقيوارائي ٽوڙ ڦوڙ سان گڏ مختلف قومي وجودن وچ ۾ تاءُ پاڪستان کي هڪ بيوس رياست بڻائي ڇڏيو آهي ۽ انهيءَ بيوسيءَ خطي ۽ عالمي سطح تي مفاد رکندڙ يقيني طور تي استعمال ڪندا ۽ ان سان ويجهي مستقبل ۾ سنڌين ۽ ٻين محڪوم قومن جي جدوجهد يقيني طور تي هڪ بهتر لاپ پرائي سگهي ٿي.

سنڌي هڪ بهتر آئيندي لاءِ پراُميد آهن.

هڪ عزت ڀرئي ۽ آزاداڻي حيثيت واري سيني جي سايپان سنڌين ۾ ڪنهن شڪ شبهي ڪان مٿانهين ۽ هر ڪنهن جي وٽ رهي آهي ۽ اهوئي سنڌن جدوجهد جو سڀ ڪان وڏو اثاثو آهي. اندروني ۽ ٻاهرين ڳنڀير تائين سان جهيڙيندي، گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن دوران، حالتون ڪڏهن به سنڌي قومي جدوجهد لاءِ موافق نه رهيون آهن. بهرحال، هاڻ صورتحال تبديل ٿي رهي آهي ۽ سنڌي قومپرست پر اعتماد آهن ته سنڌن ديس ۽ ماڻهن تان اونداها ڪڪر ٽڙڻ وارا آهن ۽ هڪ عزت ڀريو ۽ روشن آئيندو سنڌن منتظر آهي.

ڪنهن بيتڪيت بڻايل قوم جي نجات لاءِ پتوڙجي واڌ ويجهه لاءِ ضروري عنصرن ۾ والار ڪندڙ رياست جون اندروني حرڪيات بنيادي اهميت واريون آهن، پاڪستان جو سڄو سارو ڍانچو ڪوڙي ۽ دولاب تي جوڙيو ويو آهي. هالو چالو جرنيلن ۽ سنڌن ڪٺ پتلي سياستدانن هٿان ڏهاڪن تي پکڙيل راڄ جي نتيجي ۾ هڪ اهڙو معاشرو پيدا ٿي ويو آهي جيڪو

مڻان ڪان هيٺ تائين بدعنوان آهي. زوال جي انهي ڪڏهن به مثال نه ملندڙ سطح جو خاتمو ماڻهن جي هڪ اهڙي پاڻ ارپيل گروهه جي ڪوشش ذريعي ئي ممڪن آهي جيڪي انتهائي مضبوط حڪمران مافيا سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ مناسب ريت اهل ۽ منظم هجن. پاڪستان جي هاڻوڪين حالتن جي تناظر ۾، اهڙي ڪا پيش رفت نظر نٿي اچي جيڪا صورتحال کي بهتريءَ ڏانهن بدلائي سگهجي. وقت گذرڻ سان اهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي جو سمورا ساجاهه وندر رياست جي آئيندي جي اُميد وڃائي رهيا آهن. جمهوري حقن کان نابري ۽ سياسي ادارن جي ٽوڙ ڦوڙ ڪري رياست پنن پنهنجي بقا لاءِ رڳو هٿياربند فوجن تي ئي ياڙي رهي آهي. لامحدود واپاري ۽ سياسي مفادن سبب، فوج جي هر رينڪ ۾ مٿي کان هيٺ تائين انتهائي بدعنوانين جو وهنوار زور ورتل آهي جيڪو انجي مجموعي اهليت، صلاحيت کي ڦتائي رهيو آهي. اخلاقي ڏيواليپڻي ۽ ملن جي مذهبي تنگ نظري ۽ رياستي پنيرائي وارن مهاجر ليڪڪن ۽ دانشورن طرفان خطي جي تاريخ سان هٿ چراند پاڪستان واسين کي موروڪن جي جنت ۾ رهڻ تي مجبور ڪيو آهي. قومي عالمي ۽ مذهبي مامرن تي مڪمل طور تي ڪوڙ تي ٽڪيل پاڪستان ۾ حڪمران اشرافيا جي نئين نسل جي اڪثريت دنيا کي حقيقي پسند ذهن سان ڏسڻ کان وانجهيل آهي. حڪمران پنجابي پنهنجي سلطنت کي مڪمل ڊينگو ڊير ٽيڻ کان بچائڻ واسطي درستيءَ وارا اُپاءَ وٺڻ جا نه ته اهل آهن ۽ نه ئي وري هو اهو چاهين به ٿا.

* حيدرآباد ٽربيونل 1975 ۾ ذوالفقار علي ڀٽي نعپ جي اڳواڻن خلاف پاڪستان ٽوڙڻ جي سازش ڪرڻ جي الزام هيٺ ڪيس هلائڻ لاءِ قائم ڪيو. لڳ ڀڳ سمورن اهم بلوچ ۽ پختون سنڌ جي ڪيترن ئي اڳواڻن تي ڪيترائي سال حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ اهو ڪيس هلندو رهيو. اهو ٽربيونل 1977 ۾ ختم ڪري اڳواڻن کي ته آزاد ڪيو ويو پر نيشنل عوامي پارٽيءَ تي پابندي برقرار رهي.



ڪنهن قومي آزاديءَ جي جدوجهد جي ڪاميابي ڪيترن ئي موافق حالتن تي دارو مدار رکي ٿي. هڪ حوالي سان حالتون ڳنڍيل ۽ هڪٻئي تي آڌار ٿيون رکن. اهو رڳو موضوعي ريت ۽ نظرياتي سرگرميءَ وسيلي ئي پيدا نٿيون ڪري سگهجن. اهي حالتون مزاحمتي تحريڪ جي ڊگهي ڏکي ڇڪيءَ ۾ پسجي اسرنديون آهن. اهي ويريءَ جي موٽ، ويريءَ جي سگهه ۽ ڪمزورين ۽ حقيقي جدوجهد ۾ خود ماڻهن جي حاصل ڪيل تجربي جهڙن عنصرن تي دارومدار رکن ٿيون. سنڌين جي جدوجهد هڪ نئين عالمي سياسي وايومنڊل جي تناظر ۾ هلي رهي آهي، جنهن ۾ بنياد پرست ۽ ڏڦيري رياستون جيئڻ پو تئين دباءُ هيٺ آهن. سنڌي دانشورن ۽ ليڪڪن ۽ باشعور قيادت جي اڪثريت سمجهي ٿي ته ڀيهر خودمختياري حاصل ڪرڻ وارين سندن ڊگهي عرصي واري سيني جي ساڀيان جو وقت اچي ويو آهي. هو سمجهن ٿا ته خطي ۾ ڪجهه متوقع ۽ اٿر جاگرافيائي سياسي اُپارن جي صورت ۾ عمل هيٺ آڻڻ لاءِ هڪ پروگرام جوڙڻ جي ضرورت آهي. هو سمجهن ٿا ته مذهبي رياست جي آخرڪار پرتشدد ميسارجڻ مان سنڌي لاپائتا ٿيندا.

مهاتما گانڌيءَ هڪ ڀيرو خيال ونديو هو ته آزادي ۽ غلامي زهني ڪيفيتون آهن جنهن پل ڪو غلام اهو طئي ٿو ڪري ته هو غلام نه رهندو، سندس نيئر ڇڄي ٿا پون. نظر اهو ٿو اچي ته سنڌين جي هاڻوڪي نسل پنهنجائير ٽوڙڻ جو پڪو پهه ڪري ورتو آهي. منجهن اعتماد جو احساس اُڀري آيو آهي ته ويري ناقابل شڪست ناهي ۽ سندس ڪوٽ ناقابل تسخير ناهي. هن مهل بظاهر ته هو مجموعي طور تي هڪ متحد ۽ پراعتماد ويريءَ سان مهاڏي ۾ آهن ۽ بالادست قوميت جا سمورا اهم پرت قومي نجات لاءِ سنڌين ۽ بلوچن جي جدوجهد کي شڪست ڏيڻ واري معاملي تي پاڻ ۾ يڪرائپ آهن پر قومي آزاديءَ جي جدوجهدن جي تاريخ واضع ڪيو آهي ته ويريءَ جي مادي سگهه ۽ وسيلا ڪنهن به ريت فيصلي ڪُن عنصر ناهن.

قومي مزاحمت جي جوڙجڪ ۾ اهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻ پٽاندڙ ٽيل هوندي آهي جنهن ۾ ويري ويڙهه جي هر روائتي عنصر جي حوالي سان لامحدود طور تي مٿاهون هوندو آهي. پختي پهه واري مستقل مزاج جدوجهد ۽ سگهارن خلاف هيئن جو بهترين هٿيار رهجي ٿي. ان ڏس ۾ سندن جدوجهد ۾ عوام جي وڌندڙ شرڪت قومي نجات لاءِ سندن پتوڙ ۾ سنڌي قومپرست قيادت جي اوتساهه ۽ ويساهه کي سگهارو بڻائي رهي آهي. عوام جي غيرمشروط پنيرائي مان حوصلو ماڻيندي هو وڌيڪ پر اُميد بڻجي رهيا آهن ۽ سمجهن ٿا ته آباديءَ طرفان جيئن پوءِ تيئن وڌ سندن حمائت ڪري سنڌي قومي مزاحمت جي بقا ۽ ڪاميابي اٽر آهي.